# ورتم ڀر ڀٽائيءَ جي

## (سماجي ۽ اصلاحي ڪالم)

**سيد غلام حيدر شاهه قلندري**

**انجمن غلامانِ قلندر (ويلفيئر) سنڌ**



**ڪتاب 26**

**ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ**

ڪتاب جو نالو: ورتم ڀر ڀٽائيءَ جي

ليکڪ: سيد غلام حيدر شاهه قلندري

معاون ڪار: الطاف ملڪاڻي

ڇاپو پهريون: آڪٽوبر 2023

ڪمپوزنگ ۽ سهيڙ: شيرخان پنهور

ٽائيٽل ڊيزائن: مهراڻ سهتو

تعداد: 1000

ڇپائيندڙ: انجمن غلامانِ قلندر (ويلفيئر) سنڌ، انفارميشن شعبو

ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد 0300-3513966

**قيمت : 400**

**All Rights are Reserved with Publisher**

**WARTAM BHAR BHITTAI JEE**

1ST EDITION: © OCT 2023

PUBLISHED BY: A.G.Q.W SINDH INFORMATION DEPARTMENT.

COMPOSING : Sher Khan Panhwar

Contact: 0300-3483688, 0313-3738040

Email: sherkhan.itian@gmail.com

# ارپنا

هيءُ ڪتاب پٽائيءَ جي پارکوئن، ڄاڻ
رکندڙن ۽ محبت ڪندڙن جي نانءِ ڪيان ٿو.

سيد غلام حيدر شاهہ قلندري.



## فهرست


- مُهاڳُ (ادريس جتوئي) ............ 6
- ٻہ اکر (استاد لغاري) ............ 9
- ٻہ اکر (محمود مغل) ............ 12
- هميشہ زنده رهڻ جو فڪر ۽ فلسفو (محمد ابراهيم هاليپوٽو) ............ 13
- ٻہ اکر (ضراب حيدر) ............ 15
- ٻہ اکر (شوڪت چاچڙ) ............ 17
- سُرڪي ڪاڻ سيد چئي! ............ 18
- الله ڏاهي مر ٽيان ............ 19
- بغل منجھہ بندوق ............ 21
- آسر هڏ ۾ لاهہ، چنڻ ۽ ڳنڍڻ ان جو ............ 23
- ايءُ وڙ ويڙهيچن ............ 25
- اوجهڙ سي نہ پون ............ 27
- جي نہ پروڙن مٽ ............ 29
- پره باکون ڪيڊيون ............ 31
- هُوَسُ وڏيرو وڳ جو ............ 33
- اکيون ميگهہ ملار ............ 35
- جا چرندين ول، ايندئي سا اوڳار ۾ ............ 37
- پرين پڳھہ چوڙيا ............ 39
- مون توهين سين سڱ ............ 41
- اچي آڳ اُجهاءِ ............ 43
- ريءِ مصلحت مڱڻا، اڱڻ ڪيئن اچن ............ 45
- جيئان گهڙي، تيئان گهيڙ ............ 47
- آدمين اخلاص، مٿائي مانو ڪيو ............ 49
- هُو چنني تون مَر چن ............ 51
- ويندين ڏانهن پرين ............ 53

- مارو مٺ ملير جا، سيئي پر ڪياسون ........ 55
- تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا ........ 57
- جهونا ڳڙهہ جهرندو پوندي جهانءِ جهروڪ ۾ ........ 59
- دلبر دنيا دار، اکر ٻنهي هيڪڙو ........ 61
- وريا واهوندا ........ 63
- واڳون تي وريام ........ 65
- گولو تون ئي غلام ........ 67
- اُٺو اپوجهاءَ ........ 69
- رتي رت نہ سنجري ........ 71
- وڏيري هٽاس ........ 73
- پن ڪوماڻو ڪوڙ لهي ........ 76
- چارا ۽ ڪارا ........ 78
- سر ڪوهياري، ٽپي ڳنڍين ڪوهُ؟ ........ 80
- ڪَتين جي هارائِين ........ 82
- ڪَرَ سين ڪِلَڻ پائِيين ........ 84
- ڏکندو ڏور ٿئي ........ 86
- ٻَنَ ٻوڙين پاتالَ ۾ ........ 89
- سيئي سُورَ ڳڙهن ........ 91
- ڳالهہ نہ ڳالهِين جهڙي ........ 93
- ڇُڳا روز ڇَڙن ........ 95
- ٻاويهہ جمع ويهہ ٻائيتال ........ 97
- ٻنهي جي پُوري، ڇيءَ ڏني رِيَءَ نہ جُڙي ........ 99
- ڪي جو ڳنهِين پار، اکيُون پَسِي آئِيُون ........ 101
- سُپاٽي سورنِ سِين ........ 103
- وِڇائي وِلَها ٿِيا ........ 105
- ڪتابن جي فهرست ........ 107




# مُهاڳُ

’ورتم پير پٽائيءَ جي‘ سيد غلام حيدر شاهہ قلندريءَ جي سماجي ۽ اصطلاحي ڪالمن جو مجموعو آهي. سندس ڪالمن جو هيءُ چوٿون ڪتاب آهي. ڪتاب جي ڪالمن لاءِ سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهہ عبداللطيف جي شاعريءَ منجهان عنوان ۽ موضوع چونڊيا ويا آهن. انهن شاهہ صاحب جي سٽن جي روشنيءَ ۾ زندگيءَ جي قدرن ۽ مسئلن تي بحث ڪيو ويو آهي. هيءَ عام صحافتي ڪالم نہ پر انسانيت جي اعليٰ اخلاقي قدرن کي اجاگر ڪرڻ وارا خيال ۽ ويچار آهن. جن تي عمل ڪري انسان پنهنجي اعليٰ انساني مرتبي ڏانهن سفر شروع ڪري سگهي ٿو.

لطيف سائينءَ اسان سڀني جو سونهون ۽ رهبر شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ ڏنل فڪر ۽ پيغام ۾ اُها لاٽ سمايل آهي، جنهن جي سوجهري تي انسان پنهنجي حقيقي واٽ تي هلي منزل تائين رسي سگهي ٿو. اسان سنڌ واسين وٽ ’شاهہ جو رسالو‘ اهڙو دستاويز ۽ ڪتاب آهي، جنهن ذريعي، ’عالم انسانيت‘ تائين امن، ڀائيچاري، سهپ ۽ رواداري، وطن دوستي ۽ انسان دوستيءَ جا قدرَ ۽ گڻ پهچائي سگهن ٿا.

سيد غلام حيدر شاهہ قلندري، شاهہ لطيف جي شاعري ذريعي پنهنجو پيغام سمجهائڻ گهري ٿو ۽ هُو سنڌي سماج جي

اصطلاح ڪرڻ گهري ٿو. سندس ڪالمن ۾ اعليٰ خيالن ۽ وڏيون ڳالهيون نهايت ئي سولي ۽ آسان طريقي سان بيان ڪيون ويون آهن. اڻ پڙهندڙن ڪي پنهنجي ڳالهه نهايت ئي خوبصورت سنڌي ٻوليءَ جي عام پهاڪن، چوڻين، اصطلاحن، تشبيهن، محاورن ذريعي عام ۽ سادا زندگيءَ جا مثال ڏئي سمجهائي آهي. ان ڪري ڳوڙهين ڳالهين کي بيان ڪرڻ لاءِ سندس انداز فلسفياڻو نه پر عام عوامي آهي، جيڪو لهجو سندس ڪالمن کي ٻين ڪالمن نويسين کان منفرد بڻائي ٿو. سندس لکڻين ۾ سماج تي طنز پڻ موجود آهي.

سنڌي ڪالم نويسيءَ ۾ امر جليل، حليم بروهي، علي احمد بروهي، نُور عباسي ۽ ٻيا ڪيترائي اديب ۽ ڪالم نويس رهيا آهن، جن جا ڪالم به نوجوانن ذهنن جي آبياري ڪندا رهيا آهن.

سيد غلام حيدر شاهه قلندري پڻ وڏيرن ۽ ڪرسين تي ويٺل ڪردارن جي ساراهه بدران عام ماڻهن جي واڪاڻ ۽ اصطلاح ڪئي آهي ۽ انهن جي ٻوليءَ ۽ زندگيءَ منجهان ڪئي آهي. سندس قلم مظلومن جو ساٿ ڏئي ٿو.

منهنجو وڏو ڀاءُ ۽ مُحسن محمد عرس جتوئي پڻ سيد غلام حيدر شاهه جي قافلي جو ساٿي آهي، جيڪو اسان جي ڳوٺ ۽ علائقي ۾ انسانيت جو پيغام ڦهلائيندو رهي ٿو ۽ وقت بوقت سائينءَ جي خيالن کان آگاهه ڪندو رهندو آهي.



اميد ته سيد غلام حيدر شاهه قلندريءَ جو قافلو هلندو رهندو. خدا ڪيس لکڻ جي ڏات ڏني آهي، ان ڪري اهو لکڻ جو سلسلو به سدائين جاري رهندو ۽ پاڻ سنڌي ٻوليءَ کي تت نوان ڪتاب ڏيندو رهندو.

الطاف ملڪاڻيءَ جهڙي سُڄاڻ قلمڪار ۽ لطيف شناس شيرخان پنهور، محمد بخش ٽيٻي ۽ ٻئي سڄي سٿ کي جَسُ هجي، جن لطيف شناسيءَ سان ڀرپور هن ڪتاب کي عام پڙهندڙن تائين پهچائڻ جو بندوبست ڪيو آهي.

سائين سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين. (شاهه لطيف رحہ)

**ادريس جتوئي**
**حيدرآباد**

# ڀاڪر

ڪنهن بہ ڪتاب يا شخصيت تي مهاڳ، مقدمو پيش لفظ، تعارف، خاڪو توڙي ڀاڪر لکڻ، آئون وڏي سعادت سمجهان ٿو. محترم سيد غلام حيدر شاهہ قلندري صاحب جي ڪتاب ”ورتم پر پٽائيءَ جي“، جنهن ۾ سماجي ۽ اصلاحي ڪالم شامل آهن، انهن بابت ڀاڪر لکڻ، مون جهڙي احقر، عاجز ۽ ادنيٰ انسان لاءِ هڪ اعزاز آهي. لطيفيات جي موضوع تي لکيل مذڪوره ڪالمن ۾ ”اَللهُ! ڏاهِي مَ ٿِيان“ کان وٺي ”وِڃائي وِلها ٿِيا“ تائين 43 ڪالم شامل ڪيا ويا آهن. بلاشبہ ليکڪ اکڙين کي اوجاڳا ڏيئي، راتڙيون جاڳي، پنهنجو نور نچوئي، پيار جو پورهيو پايۂ تڪميل تي پهچايو آهي.

ڏنو وڃي تہ اسان جي ادبي ماحول ۾ لطيف شناس يا شاهہ جا پارکو تمام ٿورڙا آهن. شاهہ لطيف جا عاشق ۽ شاهہ جا شيدائي تمام گهڻا آهن. اسان جو شمار شاهہ جي شيدائين ۾ ٿئي ٿو. ڇو جو اسان وٽ اها پرک جي ڪسوٽي ئي ڪانهي، جو اسين چئي سگهون تہ ”هي شاهہ جو پنهنجو مستند ڪلام آهي يا هي ڪوڙاريو ڪلام آهي.“ توڙي جو هن کان اڳ ۾ اهڙيون ڪوششون ٿينديون رهيون آهن. البت انهن عالمن ۽ محققن سان بہ اختلافِ راءِ جو اظهار ڪري سگهجي ٿو. ڪو بہ عالم جڏهن شاهہ جي ڪلام جي پرک، پنهنجي پسنديده مسلڪي عينڪ پائي پوءِ ڪري ٿو، تہ اهو جانبدار ٿي پوي ٿو. شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ چوي ٿو:

شَرِيعَتَ سُڃاڻِ، ڪَري طِرِيقَتَ تَڪِيو،
هِنيُون حَقِيقَتَ هيرِ ٿُون، ماڳُ مَعرفَتَ ڄاڻِ،
هوئِجِ ثابُوتِيءَ ساڻِ، تہ پُسَڻَ کان پالهو رَهِين.

تہ وري ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

ڪيڏانهن ڪاهِيان ڳَرهو؟ ڇِتراٽو ڇَوڏارَ،
مَنجِهہ هِين ڪاڪ ڪَکورئِي، مَنجِهہ هِين باغَ بَهارَ،
ڪانِهي ٻِي تَوارَ، ٿِيو مِڙوئِي مَيندَّرو.

مطلب تہ شاهہ لطيف جا سُر جتي ”وَحدت الشُهود“ جو ڏس ڏين ٿا، تہ اُتي اُن جا پڙاڏا ”وَحدت الوُجود“ تائين بہ پهچن ٿا. جتي شاهہ لطيف جي ڪلام جا اشارا ۽ اُهڃاڻ ”همہ از اوست“ جي هدايت ڪن ٿا، تہ اُتي اُن جا اولڙا ”همہ اوست“ جو پرتوو بہ پسائن ٿا. شاهہ صاحب جو فڪري فلسفو ڪٿي ”پڙاڏو سو سڏُ“ سمجهائي ٿو، تہ ڪٿي ”هُئا اَڳِيئِي گڏُ“ بہ ٻُڌائي ٿو. شاهہ صاحب جو نيڪ نظريو ”وَحدتان ڪَثرتَ ٿِي، ڪَثرتَ وَحدتَ ڪُلُ“ بہ آهي، تہ ڪٿي ”سو هِيءُ، سو هُو، سو اَجَلُ، سو اَللهُ، سو پِرِين، سو پَساهُ، سو وِيرِي، سو واهِرُو“ بہ آهي. شاهہ صاحب وٽ جتي ”روزا ۽ نمازُون، اِيءُ پُڻ چَڱو ڪَمُ“ آهي، تہ اُتي ”جِنهن سان پَسِين پِرِينءَ کي، اُو ڪو ٻِيو فَهمُ“ بہ آهي. اُنهي ”ڪنهن ٻئي فهم“ لاءِ سيد غلام حيدر شاهہ قلندري صاحب قلم کنيو آهي. شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ فڪري فلسفي جي سُٽ سُلجهائڻ لاءَ، سسئي، سورٺ، سهڻي، ليلا، مارئي، مومل ۽ نوريءَ جا داستان چونڊيا آهن، تہ اُتي علائقي يا زميني حساب سان، پنهنجي پاڪ خيالن جي اُڏار کي، استمبول، چين، دکن، دلي، روم، عرفات، قنڌار، ڪابل، ڪعبت الله شريف، مصر، مغرب پار ۽ مڪي پاڪ تائين بہ پهچائيو آهي. ان ڪري شاهہ صاحب ڪربلا جي قضيي کان غافل هرگز نٿو ٿي سگهي.

اهو عالمن جي اڳيان هڪ اهم سوال موجود آهي. منهنجي خيال ۾ ڪنهن به عالم يا محقق کي، شاهه جي شاندار شرح لکڻ مهل، جانبدار ٿيڻ کان بچڻ گهرجي.

آئون، سيد غلام حيدر شاهه قلندري صاحب جي لکيل لفظن جي پيغام سان سَو سيڪڙو سهمت آهيان، ته "لطيف سائينءَ جو ڪلام، حوصلي، همت ۽ اصلاحي پهلوءَ سان مالا مال آهي. ان تي عمل ڪرڻ وقت جي نهايت اهم ضرورت آهي." آخر ۾ محترم علي نواز آريسر صاحب جو به شڪرگذار آهيان، جنهن مون کي سيد غلام حيدر شاهه قلندري صاحب جي ڪتاب تي، ٻه اکر لکڻ جو موقعو ميسر ڪيو.

سَرها ڏِٺَم سي، جَنِ ساجـاءِ سِراڻِ سِيـن،<br>
تيغَ تَنِي جِي ڪي، ڪَٽُ نہ لڳي ڪَڏهِين. (شاهہ)

**علم جو خادم**

**استاد لغاري**



# ٻہ اکر

'ورتمر پر پٽائيءَ جي' هڪڙو 'ڪارِخير' آهي، جنهن ۾ جيترو حصو وٺجي، اهو گهٽ آهي.

مان اها پنهنجي ڀاڳ جي پري محسوس ڪندو آهيان ته سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندري جي سماجي ۽ اصلاحي ڪالمن تي مون کي ڪجهه لکڻ جي عنايت ٿئي. اهي خالي لفظ ناهن، اندر جي سچائيءَ جو اظهار آهن، ڇاڪاڻ ته هن دور ۾ اتساهه جي شديد ضرورت آهي ۽ هي ڪالم، انساني جياپي جي اتساهه ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. شاهه صاحب جي ٻولي، سادي سلوڻي آهي، جيڪا سنئون سڌو سمجهه ۾ اچي ٿي ۽ انهي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا جُڙت يا ڏکيائيءَ جو ڪو استعارو نظر نٿو اچي. ڪالمن جا سِرا به ڪمال آهن، مثال طور 'الله ڏاهي مر ٿيان'، 'پرهه ٻاڪون ڪيون'، 'مارو مِٺَ ملير جا سيئي پرڪياسون'، 'واڳون ٿي وريام' يا 'ٻنهي جي پوري، جِيءَ ڏنين ريءَ نه جُڙي'.

پنهنجي سادي سودي ٻوليءَ ۾، شاهه صاحب زندگيءَ جو فلسفو بيان ڪري ٿو. جنهن کي پڙهڻ سان هڪ عام ماڻهوءَ کي جيڪا سمجهه جي سرخوشي حاصل ٿي سگهي ٿي، تنهن جو ڪاٿو لڳائڻ مشڪل آهي.

ڪريم ربُّ جلشانه سندن سوچ جو خلوص، قرب جي ڪيفيت ۽ محبت جي مامَ سمجهائڻ وارو انداز شال اڳ کان اڳرو ڪري- **آمين.**

**محمود مغل**

# هميشھ زنده رهڻ جو فڪرِ فلسفو

هن ڪائنات ۾ نظر ڦيرائڻ سان خبر پوي ٿي تہ هن فنا جي جهان ۾ مالڪ جي خلقيل مخلوقات ۾ پوءِ اُهي انسان هجن يا گل، وڻ، ٻوٽا يا پکي پکڻ پر انهن مان ڪي، ڪي وجود اهڙا آهن جن جي هجڻ سان نہ رڳو هن ڪائنات جي رنگن ۽ سونهن ۾ اضافو ٿئي ٿو پر انهن جي وجود جي خوشبو هن جهان ڪي سچائي جي خوشبو سان واسي ڇڏي ٿي ۽ مالڪ جي مخلوق جي اندر پنهنجي خلقڻهار سان محبت ۽ عشق جي جذبي کي پڻ وڌائي ڇڏي ٿي. خاص طور تي مالڪ سائين انسانن مان اهڙن ڪامل بندن کي چونڊي انهن جي وجود کي پنهنجي نور جي پاڪيزگي عطا ڪري ڪائنڻ مخلوقات جي اصلاح توڙي ذهني ۽ نفساني پاڪيزگي جو ڪم وٺندو رهي ٿو ۽ سائين سيد غلام حيدر شاھ قلندري بہ اُها هستي آهن جيڪا اڄ جي قحط الرجال واري دؤر ۾ ماڻهن جي دلين ۾ مالڪ سائين سان محبت ۽ خدا جي محبوب حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي پاڪ هستيءَ سان عشق جو ٻج ڇٽي رهيا آهن.

اڄ جو دؤر جنهن کي سوشل ميڊيا جو دؤر سڏيو وڃي ٿو هن دنيا کي گلوبل وليج يا هڪ ننڍڙو ڳوٺ تصور ڪيو وڃي ٿو هيءَ جيڪو انسان مصنوعي ذهانت يا آرٽيفيشل انٽيليجنس جي طاقت تي ڪائنات کي فتح ڪرڻ جا خواب ڏسي رهيو آهي، سو پنهنجي مالڪ حقيقي کان پري ٿيندو  پيو وڃي. اڄ جو نوجوان جديد ٽيڪنالاجيءَ جي ڄار ۾ ڦاسي انيڪ ذهني ۽ نفسياتي  بيمارين  جو



شڪار ٿي رهيو آهي. ماڻهو سائنسي ۽ معاشي ترقي ڪرڻ جي باوجود بہ بي سڪون، مايوس ۽ بي آسرا آهن، هر فرد پوءِ اهو نوجوان هجي يا پختي عمر جو پر دنياوي پريشانين ۽ مسئلن ۾ ڦاٿل آهي ۽ هن جهان جي سمورين پريشانين جو حل سائين سيد غلام حيدر شاھ قلندري جن جي لکڻين، خطابن ۽ محبتن پرين ڪچهرين ۾ موجود آهي-

سائين سيد غلام حيدر شاھ قلندري وٽ جيڪو عشقِ محمدي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو فلسفو ۽ فڪر آهي اهو سچ جو اهڙو وکر آهي جيڪو ڪڏهن بہ "پئي پراڻو" ناهي ٿيڻو سائين جي ذات پاڪ ۾ اهو خدائي نور آهي جيڪو اڄ جي انسانيت لاءِ رهبري ۽ رهنمائي آهي، سچ تہ هن وقت هن جهانءِ فنا ۾ سائين سيد غلام حيدر شاھ قلندري جي صورت ۾ اسان وٽ اهو "پارس" موجود آهي جيڪو زنگ زده دلين ۽ لوهہ جيان ڪاراٽجي ويل اونداهن دماغن لاءِ ڪيميا جو اثر رکي ٿو. سائين جن جي ارشاد پاڪ سان مرده دل ماڻهو بہ زنده ٿي پون ٿا. سو جنهن بہ انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر جي سرواڻ جي رهبريءَ کي قبول ڪيو آهي ان ڄڻ تہ نئون جنم ورتو آهي نئين زندگي حاصل ڪئي آهي.

اهڙي طرح سائين جو هيءُ ڪتاب "ورتم پر پٽائيءَ جي" اسان جي قلبي، اخلاقي روحاني ۽ ذهني اصلاح لاءِ هڪ تحفو آهي، جنهن بہ دل سان پڙهيو تہ اهو هتان گهڻو ڪجهہ پرائي ويندو ۽ هو فنا جي جهان مان نڪري اهڙي جهان جو سير سفر ڪندو جتي موت کي بہ مات اچي ويندي آهي.

**محمد ابراهيم هاليپوٽو**

# ٻه اکر

ڪُنري جو ترُ مرچن جي ڪاروبار جي وڏي منڊي آهي، اُنهي تَر ۾ ڪو شهزادو اهڙو به آهي جيڪو گلابن جو وهنوار ڪري ٿو. گلاب جيڪي عقيدت جي علامت هوندا آهن سي وايومنڊل کي ئي نه پر روحن کي به پنهنجي واس سان مطعر ڪندا آهن.

سُڪون يا آنند ڪٿي آهي، اِهو سمجهڻ ۽ لَهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، گڏوگڏ پنهنجو اونت لهڻ پنهنجو پاڻ سُڃاڻڻ به ڪو سولو ڪم ڪونهي. جيئن رامڪلي ۽ يمن ڪلياڻ جا راز ۽ رمزون پروڙڻ سوليون نه آهن تيئن رامڪليءَ جا پنڌ ۽ يمن ڪلياڻ جو سَڄَرُ سونهن ڪم آهي رندن جو يا وري ديوانن جو.

هُو جيڪو سدائين ڪنهن رمز ۾ رهي ٿو رمتي جوڳيءَ جيان ايڪانت جي راهه ۾ رُلي ٿو. هُو جيڪو لِڪي ٿو پروڙي به ٿو جنهن فِڪر اذڪار ۾ رهي ٿو سا صدا ته ڄڻ ٻِٽ جي ٻونءِ تي تنبوري جي تارن سان آشڪار ٿئي ٿي. ’ڏک پريان جو ڏيل ۾ واڄٽ جيئن وڄاءِ‘ جي رياضت ڪندي عشق جي آڙاهه ۾ پچڻ باوجود ڪامندو پڄرندو رهي ٿو ڪڏهن سيوِستان، ڪڏهن لال باغ ته ڪڏهن لاهوت لامڪان وڃي نِڪري ٿو سو ڀلا ديوانو ڪٿي!؟

ايڪانت يا وئدانيت جي پڙاڏي جو سڏ ورنائڻ به تڏهن ممڪن آهي جڏهن ايڪ قصر دَر لک مان، اُهو درشن ماڻي وڃي



جيڪو ڪُل ڪائنات ۾ ’الله نور سماوات والارض‘ جيان پيٿيو پيو آهي. ماڻهو جيڪي پنهنجي ذات مان دوئي کي ڌوئڻ جون رياضتون ڪن ٿا، عقل ۽ عشق کي هم آهنگ ڪرڻ لاءِ ڪشالا ڪڍن ٿا، ’ساڃن صحيح سُڃاڻڻ‘ جي جستجو ۾ آهن سي ئي ته سچا سالڪ آهن. دنيا اُنهن کي ڀل ڪهڙي به نظر سان ڏسي، پر ڪي چريو ڪوٺي يا وري ديوانو سمجهي پر اُهي ئي وڏا داناءَ آهن.

سيد غلام حيدر شاهه اهڙو ئي داناءُ ديوانو آهي جنهن سان ٻورائي ۾ ٻال ٽيل آهن. اِن لاءِ جو هُو ڏاهو ٿي تَڪي توري نه ٿو پر ٻورائيءَ ۾ ’پر ٿيائيءَ جي‘ وٺي ٿو ۽ جيڪي جهول ۾ اچيس ٿو سو دل سان ميڙي ٿو.

**ضراب حيدر**
**حيدرآباد**

# ٻه اکر

مطالعو ۽ مشاهدو انسان کي سماجي پرک جي سگهه عطا ڪري ٿو پوءِ اهو انسان زندگيءَ ۽ ماحول سان لاڳاپيل هر شئي کي جنهن اک سان ڏسي ٿو اها نظر عام کان نرالي هوندي آهي. زير نظر ڪتاب ۾ شامل مختلف مضمون مختصر ئي صحي پر انهيءَ ئي نرالي نظر سان لکيل آهن. جن ۾ مشاهدي جي جهلڪ ته نمايان آهي ئي پر ڳوڙهو اڀياس به شامل آهي.

سيد غلام حيدر شاهه جي هن ڪتاب جي خوبي اها به آهي ته شامل سڀني مضمونن جا عنوان به لطيفي تخليقن مان ورتل ۽ نج شاعراڻا آهن. جيئن "پرين پڳهه ڇوڙيا"، "آسر هڏ ۾ لاهه "پرهه ڀاڪون ڪڍيون" وريا واهوندا "، " رتي رت نه سنجر" وغيره. اهو هنر به ڪنهن ڪنهن ليکڪ وٽ هوندو آهي ته لکڻيءَ جو عنوان ڪيئن رکجي ۽ ان موضوع سان نباهه ڪيئن ڪجي.

مجموعي طور سيد غلام حيدر شاهه جي تحريرن ۾ سندس ڇپيل انيڪ ڪتابن مان سندس علمي اڏام جو پتو پوي ٿو هو اٽڪ انسان آهي، جنهن جي تحريرن ۾ عام ماڻهن لاءِ رهنمائي ۽ اخلاقي قدرن جو بيان شامل آهي. هي لکڻيون هر عمر جي پڙهندڙ لاءِ سوچ ۾ نوان زاويا سامهون آڻين ٿيون.

**شوڪت چاچڙ**
**سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد**



## سُرڪي ڪاڻ سيد چئي!

هن ڪتاب ۾ موجود سڀئي ڪالم مختلف اخبارن ۾ شايع ٿي چڪا آهن. پٽ شيرخان پنهور ۽ سندس اي جي ڦيو انفارميشن شعبي جي ٽيم جي اڻ ٿڪ محنتن جو نتيجو آهي جو هيءُ چوٿون ڪالمن تي مشتمل ڪتاب شايع ٿي رهيو آهي، جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي.

شاهه سائينءَ جن لاءِ چا چئجي، سنڌي چا پر جن ٻه ٻولين ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليه جي رسالي جو ترجمو ٿيو آهي ۽ اُهو جن ٻه پڙهيو آهي، انهن اُتاءُ يقينن پرايو ۽ ڪجهه نه ڪجهه حاصل ڪيو آهي.

اڄ هي سٽون لکڻ وقت تقريبن لڳ ڀڳ لطيف سائين جو اڍائي سئو ساله عرس ملهايو پيو وڃي، اهڙي وقت ۾ هي ڪتاب آڻڻ جو مقصد هن جديد دور جي تاريخ پٽاندڙ خاص ڪري نوجوانن لاءِ لطيف سائين ذريعي هڪ حوصلو همٿ ۽ اصلاحي پهلو سان گڏ سمجهاڻي ڏِسڻ آهي، زندگيءَ کي سمجهي گذارڻ جو سبق ڏيڻ آهي ۽ دوست اڄڪلهه جي وقت جي تقاضائن مطابق هنن ڪتابن کي انگريزي ۽ اردوءَ ۾ آڻڻ لاءِ ڪوششون ڪن پيا. بس اهو هڪ علم آهي جنهن جي قلم مان نڪري.

وري به سڀني سڄڻ ۽ ليکڪن جا قرب جن ٽيڪاٽپڻي ڪئي ۽ خاص ڪري سائين الطاف ملڪاڻي، پٽ شيرخان لاءِ دعائون ئي ڪري سگهجن ٿيون، باقي ٿورا لاهڻ جي سگهه ڪان اٿم.

**سيد غلام حيدر شاهه قلندري**

# الله ڏاهي مَ ٿيان

جيئن ته عقل ٻئي پاسا وڙهندو آهي، ڪچو به ڏيکاري ته پڪي تي به چاڙهي، جڏهن انسان وٽ گهٽ عقل اچي ته ان جي فڪر ۾ فتنو برپا ڪري، يا ڪڏهن وري فتني کي عقل ۽ فسادن کان بچائي، بس ڪڏهن عقل وارا چريو سڏائين ته وري ڪڏهن چريا ڏاها چورائين، عقل، علم جي انتها جي ڪري، پوئتي پير ڊاهيو ڇڏي، ڪڏهن وري علم، عقل جو ساٿي ٿيو بيهو رهي، عقل نابين کي سجو ڪريو وجهي، ڪڏهن وري سڄي کي نابينا بڻايو ڇڏي، اهوئي عقل آهي جڏهن علم جي ور چڙهي ته شيطاني شرارتون شروع ڪري پاڻ کي ڇڙواڳ ۽ شوشي باز نهرائي سڀ نظريا لتاڙي سچ جو بائيڪاٽ ڪرائي ۽ ماديت پرستيءَ جي هنج ۾ ويهي دنيا کي هميشه رهڻ واري جڳهه ڪوٺي ان کي سڪون واري ٺاهڻ لاءِ سڀ حربا استعمال ڪرائي.

ڪٿي وري عقل جڏهن عشق جي هٿ چڙهي پوي ته ڳالهيون ڳريون ڪرڻ لڳي، وري ڀٽ تي ڀٽائيءَ جي روپ ۾ لطيف جي نالي سان اُهي راز بيان ڪري جيڪي ڪنهن وقت ۾ مولانا روميءَ مثنوي ۾ آکاڻين جي سهاري اُهي عقل ۽ عشق جون رمزون پروڙي ۽ بيان ڪيون آهن جو رهندي دنيا تائين گم نٿيون ڪري سگهجن.

ائين انهي عقل کي عشق جهٽڪو ڏئي ڪڏهن وري سچل سرمست ٿي سچل سارو سچ ٻينو الاپي، وري ڪڏهن عقل کي عشق مات ڏئي منصور بڻايو ڇڏي، ڪڏهن وري ان عقل کي اهوئي عشق



مجني جهڙي حسين شخص کي ڪاري ليلا لاءِ ليلا ڪندي مصر جون بازارون پيو گهمائي، ڪٿي وري عقل انهيءَ عشق کان مات کائي ڀٽائيءَ جي سورمين سسئي، مارئي، سهڻي وانگر اهڙيون مايه ناز تاريخون رقم ڪرائي ڇڏي جيڪي انساني سماج ۾ هميشه گونجنديون ٿي رهن.

بس عقل وچ عشق جي ڪڏهن اچيو وڃي ڪڏهن وري عقل جي پناري بس عقل ٻنهي پاسي آهي، ڪڏهن عشق جي روپ ۾، ڪڏهن علم جي روپ ۾، ڪڏهن عشق پويان عقل لڪيو وڃي، ڪڏهن وري عقل جي پويان عشق لڪيو وڃي، بس جنهن به عقل تي عشق جو پردو چڙهيو اُهو عقل شاهه صاحب ٿي اُڀريو پر جنهن عقل تي علم ظاهر ٿي آيو ته اهو فرعون ۽ شداد، يزيد ٿي تاريخ جي ورقن ۾ گم ٿي ويو. بس جن ڏاهو سڏايو انهن علم کي عقل ۾ جڳهه ڏني، جن سڀ ڪجهه سمجهي ڏاهو ڪو نه سڏايو اُهي اتان ئي گذريان جتان عقل ۽ علم جي جڳهه نٿي ٺهي.

# بغل منجھ بندوق

دنياوي تماشي ۾ جتي چڱن ڪردارن جي ڪمي ڪانهي، اتي وري وچ ويڙهاڙ هڪ اهڙو طبقو بہ وڏي ويجهي رهيو آهي، جيڪو گهڻي عرصي کان هر طرح جي فيلڊ ۾ مزا ماڻيندو رهيو آهي، اهڙن چوڻن ۾ چالاڪ انسانن جو نسل تيزيءَ سان اڳتي  وڌي پيو، سندن ڪاروبار ۾ ڏنڊو ڏاڍو سولو ۽ سستو آهي، اهڙا چهرا هميشہ ٽوال ڪلهن تي رکي پيا هيڏانهن هوڏانهن جهاتيون پائيندا من ڪٿي ڪو سٽيو ٽڪر ملڻ جي خبر پوي، ويلو ٽارڻ لاءِ ٽاٽارا پيا ڏيندا، جيئن مرده خور ۾ ڍونڍ خور پکي، اهڙا لامارا ڏيڻ سندن مشغلو آهي، وٽن پيا جوتون ڏيندا.

دنيا جي وهنوار ۾ جتي اپنائيت هوندي آهي وري ڪڏهن اتي انائيت جو اُپري اچڻ بہ وڏو فتنو فساد برپا ڪري ڇڏيندو آهي، جڏهن انائيت ايڏي حد تائين بلند ٿي وڃي قد ڪاٺ لتاڙيندو اچي پنهنجي ڪپڙن تي ڪري تہ سمجهو هاڻي تيلي پيرن کان پڙڪو ڪندي، پر موج مستيءَ ۾ مست خبر تڏهن پوندس جڏهن ڪپڙا تہ سڙڻ ڪانپوءِ اچي چمڙي ۾ باهہ لڳنديس، پوءِ ڏسڻ وارا پاڻيءَ جي تلاش جا بهانا ڻاهي جُتيون هٿن ۾ ڪڍي نڪرندا چوندا تہ اسان تہ بس تماشا بين آهيون، هيءَ جهڳڙو تيلي، ماچيس ۽ ڪپڙن ۽ چمڙي جو آهي، اسان گنهگار



ناهيون، بازيگرن جون بازيون پنهنجي جڳهہ پر ڪنهن جا جسم ۽ ويس جلڻ سان انهن جو ڪهڙو ڪم، اهڙا ناسوري وبائي ڪردار لڪي ناهن سگهندا، ڳولڻ جي بہ زحمت ڪرڻي ڪونهي، پر فقط حرام جي مال جي ڏمال تي پٽيون جڏهن اکين تان لهن سو تڏهن لهن جڏهن ڪپڙو جلي پٽ پوي، پوءِ گهڻي دير ٿي ويندي وقت نڪرندو ويندو، تاڙيون ۽ تماشا ختم ٿي ويندا، جلڻ وارا جلندا، ڪلڻ وارن جو بہ خير، پر چڱائيءَ وارا ڪردار سٽين ٽڪرن کان پري ٽيڻ جي صورت ۾ ڪنڌ پاسي ضرور هوندا، پر قلمي، عملي، روحاني، سماجي تحريڪ ڪڏهن بہ ڇڏيندا ڪو نہ، جدوجهد ۽ سنايون سواءِ ڏيڻ وٺڻ جي ڪندا رهندا، ٽڪبا ڪو نہ، اهڙا اصلاحي مورچا تعمير ڪندا جو نقلي حسد ۽ ڪيني واريون بندوقون بغلن ۾ لڪائڻ وارن جا آٽا پٽا وڃي سيٽ ٿين.

# آسر هڏ ۾ لاهه، ڇنڻ ۽ ڳنڍڻ ان جو

جڏهن به جتي به جدائي ۽ جهولا نمودار ٿين ته پڪ سمجهو وٿيون پيدا ڪيون ويون آهن يا ڪرايون ويون آهن. انهن لالچ لوڀ جي حوارين، جن جو ڪم هميشه ٽٽيءَ کي به گرمائڻ آهي، آلين ڪاٺين تي تيل هارڻ جو هنر انهن کي اچي ٿو يا وري اهو سڀ ڪجهه مفادن ڪارڻ ڪرايو پيو وڃي. اهڙي رونشي وارن مافيا جي پوئلڳ پوڄارين جي ڪوٺ ته بنهه ناهي.

اسان وٽ جيڪي اشارن تي اشو ٺاهڻ جا ماهر ليکيا وڃن، جيڪي پنهنجي پاڻ کي بقا ڏيڻ لاءِ ٻين جون جهوپڙيون جلائين ٿا ان مقصد لاءِ ته اسان جا رستا صاف رهن. جيڪي رڪاوٽون آهن انهن کي هٽائڻ لاءِ سڀ حد دخليون ختم ڪجن. پوءِ شرارتي حيوان انسانيت جي روپ ۾ ان کي عملي جامو پارائڻ لاءِ ڪڏهن مذهب، ڪڏهن فرقي، ڪڏهن ٻولي، ڪڏهن قوم، ڪڏهن جاگرافيائي معاشي سماجي مفادن طور فتنن جا جهاز پريو نازل ٿين ٿا.

ٻئي طرف هر پاڙي ۽ راڄ ۾ ڪجهه وڏن مانگر مڇن جا واٺا غمين ۽ خوشين ۾ پنهنجي آقائن کي خوش رکڻ لاءِ چاپلوسي ۽ سنهي جي وسيلي مخلوقِ خدا کي پهچندڙ اذيت ناڪ ڪيفيت کي پکيڙڻ لاءِ هر وقت ڪارفرما ۽ سرگرم رهڻ سندن عادت ۽ مشغلو رهيو آهي،



هڪ وڏو وري به وڏي ڪرسي پنهنجي ئي نورچشم کي سونپڻ لاءِ ٻين ڪيترن جي نورچشمن جا نور ختم ڪرڻ لاءِ وسان ڪو نه گهٽائيندو آهي، چاڪاڻ جو هڪ نالائق کي لائق ٺاهڻ لاءِ ضرورتن اُهي ضروري گهرجون پوريون ڪرايون وڃن ٿيون جيڪي هڪ ٽٽل ڇنل ٽُڪڙي کي ڳنڍڻ لاءِ سئي ڌاڳي کي استعمال ڪيو وڃي ٿو. سمجهڻ جي ڳالهه هيءَ آهي ته اسان جي زنده هڏن کي لوڏڻ ڇڏيو اوهين پنهنجا هڏ پلي ٽري ڍي سان مضبوط ڪريو. پر هيءَ هڏا پڳل ٽٽل سماجي معاشي طريقي سان جن جو ڪئلشيم، پوٽاشيم ميڪون اوهان يا ڪائي ڇڏيون يا ڪارائي ڇڏيون آهن، هاڻي باقي بچيل هڏڙا ته ڇڏيو ته اسان انهن کي ڳنڍڻ وارو ڪم ته ڪريون، خوشيون ته اوهان کي مبارڪ هجن پر غمن ۾ ڪٽي اسان جي جان کي لوڏا ته نه ڏيو. مرهم پٽيون ته ڪرڻ ڏيو. پوءِ وري ڪٽي ماس پٽجو.

پٽائي جي پر وٺڻ بعد سندس ڏنل فلسفو اسان کي اِهو سمجهائي پيو ته ڇنڻ کان ڳنڍڻ وڏي نعمت آهي ۽ جيڪا ڳالهه روحاني، جسماني ۽ سماجي هڏا مضبوط ڪرڻ سيڪاري ٿي سائي بهتر آهي.

# ايءُ وڙ ويڙهيچن

جن وٽ وٿاڻ هوندا انهن وٽ ضرور مال ۽ جانور بہ هوندا، جن جي پاسن ۾ ۽ پاڪرن ۾ ڪتاب پيل ڏسبا، ضرور انهن وٽ علم جا ذخيرا بہ هوندا. جن جي آستانن تي اچڻ وڃڻ گهڻو ڏسو پڪ ڄاڻو اهو وهندڙ دريا آهي، اڃان سُڪو ناهي، جتي دريا سُڪندا آهن اتي واري ريت اڏامندي نظر ايندي آهي، جتي اُڀ ۾ پکين جي پرواز ڏسو سمجهي وڃو هيٺ زمين آباد ۽ زرخيز آهي. جنهن پر پاسي اَسُر ويلَ پکين جو آواز جهجهو ٻڌو، پڪ ڄاڻو ان آباديءَ ۾ وڏا وڻ هوندا ئي هوندا. جنهن پاڙي، ڳوٺ ۾ نوجوانن کي چڙواڳ ڏسو سوچيو تہ ان ڳوٺ ۾ شايد ڪو پارکو ۽ جاکوڙي نٿو رهي، جيڪو هنن نوجوانن کي ڪنهن دڳ سان لائي، جتي ڪوڙ ڪپت جي ڪيتي گهڻي ٿيندي هجي سمجهو ان سماج ۾ هاڻي عدل انصاف خريد ڪيو پيو وڃي، جتي عام واهپي جي شين ۾ هڪدم ڪمي محسوس ٿئي پڪ ڄاڻو سودي ڏيڻ وارا وزن ۽ ماپ جي تقاضائن تي پورا نٿا لهن. جتي ننڍڙا گاريون گند ڪندي ڏسجن پڪ سمجهو وڏن جا حال پورا آهن. جتي اڪثريت ٽپ ٽاپ ۽ اڪڙجي هلي سمجهي وڃو اتي انسانيت جي عزت گهٽجي وئي آهي، هاڻي ڏيک ڏيکاءُ جو واڌارو ٿي ويو آهي.

جنهن سماج ۾ هوٽلن جو وڌڻ ۽ اتي رش هئڻ ڏسو سمجهي وڃو تہ هاڻي صوفيت جا اوتارا ۽ پاڳ ورنيون ونيون ناهن رهيون. جنهن گهر ۾ ماني اڪثر هوٽل تان گهرائيجي تہ اها ڄاڻ سمجهو تہ ان



گهر ۾ گهر ڏجاڻي عدم استحڪام جو شڪار آهي، جتي بي چينيون عروج تي پهچنديون آهن ان سماج ۾ منشيات جا اڏا اهڙا ظاهري نيڪ مردن جو اولاد يا ڏٽي پاڻ پيا هلائيندا جنهن لاءِ تصور ڪرڻ بہ مشڪل آهي، جتي اڌ رات تائين ولرن جا ولر روڍن ۽ رستن تي گهمندي ڏسو شايد انهن وٽ شاديءَ جو رواج دنياوي مسئلن جي ور چڙهي ويو آهي.

جتي چوريون ڪُلي عام ٿيڻ شروع ٿي وڃن، اهو سمجهڻ آسان آهي تہ مقامي ٺاٺيدار، ونگاري ٿيو پيو آهي، جتي احتجاج آزادانہ ٿيڻ لڳن تہ سمجهو اتي آزادي راءِ جو حق حاصل آهي، جتي چونڊيل نظام جو رواج هجي تہ سمجهو عوام کي فيصلو ڪرڻ جو حق مليل آهي، جتي شادين ۾ شوشا ۽ گهڻو خرچ ٿيل ڏسو سمجهڻ آسان آهي تہ ڪمائي ۾ ضرور حصو پرائي مال جو آهي، جنهن جي فوتگي تي ۽ جنازي نماز ۾ وڏن ماڻهن جو انتظار ڪرايو وڃي پڪ ڄاڻو پوئين وٽ جنازي واري سان ڪا بہ محبت ڪونهي، اُهي سڀ اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي وڙنہ ويڙهيچن جو.

اسان جي ثقافت ۽ اصول پٽائي سائين جي تعليم موجب اهڙين غلط ريتن ۽ رسمن کي قبول نٿا ڪن، پوءِ اهڙي معاشري ۽ سماج ۾ رڳو لوڏا ۽ جهڪن جا طوفان نہ هوندا تہ ٻيو ڇا هوندو؟ اُتي بي سڪوني، افراتفري، ڪاوڙ ڏوراپا، عداوتون، رساماں وافر مقدار ۾ عام، خاص پيا ملندا.

# اوجهڙ سي نہ پون

ذلالت کي زوال تڏهن ڏئي سگهبو جڏهن انسان پاڻ لازوال ٿي پوي، يعني زوال واري ذلالت کي ٽُڏي ڇڏي، ننگيءَ جون ناهوڪيون ڪماٽيون پيچي پور پور ڪري، لازوال جي لاڙي ڏي لڙي پوي، گهڻ مدت واري ڳالهين تي ڪن ڏيڻ کان پاسو ڪري، قائم دائم جي ساٿ سان سلهاڙجي وڃي، مدي خارج روايتون ۽ نظام هٿ ڏرميءَ کي طلاق يافتہ بڻائي نينهن سان پختگيءَ سان لاڳاپيل رهڻ جو وچن ورجائي، اوسيئڙو اهڙي عمل جو ڪجي جتي ڪاچ بڻجي ويل بتن کي پاش پاش ڪري اڻ مٽ ڪردارن جي ڪماٽيءَ جو قصو مختصر ئي صحيح پر بهتر ٿي پوي.

انسان تڏهن ئي سهڪندو ۽ ٿاٻڙجندو آهي جڏهن لالچ جي رونشي جي طرف سواءِ ڪنهن روشني جي پيچو ڪندي ڪندي ڪٿي کوهہ ۾ ڪري پوندو آهي، بهتر آهي تہ انسان قناعت تي دل ڄمائي، گهٽي جي پچر کان پاسو ڪجي، ها محنت ۾ عظمت آهي پر پنڪڻ ۽ اوقات ڪراس ڪرڻ ناداني آهي، شلوار ماپ تي هوندي تہ ڦڪائي ڪو نہ ٿيندي، هٿ ايترو وڌائجي جيستائين پهچي سگهي، نہ تہ تنگجي پوڻ دانائي ڪانهي، شارٽ ڪٽ جي آسري بي خوف رستو ڇڏي وقت کي بچائڻ لاءِ وڏي جهنجهٽ ۾ ڄمار جو ذيان نہ ڪجي، جيڪڏهن پيرن ۾ پنڌ جي طاقت آهي تہ غنيمت آهي، جيڪڏهن



سائيڪل تي سوار آهي تي ورزش سمجهي، صبر ۽ شڪر ڪري، جيڪڏهن بائيڪ آهي تہ سوچي ڪار وارو تيل جي پورائيءَ ڪيئن ٿو ڪري، جيڪڏهن ننڍڙي ڪار وارو آهي تہ وڏي ڪار واري جي ٽيڪس جو سوچي متان ڪٿي جهاز ٽيڻ جي خواهش ۾ متان پاڻ جهاز نہ ٿي وڃي.

ائين جهوپڙي ڪنهن محل جي تمنا ۾ ڊاهي صفا ميدان تي نہ اچي بيهي، جيڪڏهن مزي سان رُکي ماني ملي پئي ۽ هضم ٿئي پئي تہ بهتر آهي ان کان جيڪي پيٽ پري ڪائڻ بعد ڊاڪٽرن لاءِ تماشو ٿيو وڃن ائين ننڍڙي ڪرسي ڇڏي جيڪي وڏي ڪرسي ڏانهن ڀڳا انهن جا فقط لاش واپس ڪڏهن پهتا ڪڏهن پهتا ئي ڪون، بس اوجهڙ ۾ پوڻ کان بهتر آهي تہ سڌي راهہ وڃي، اهائي صلاح اٿئو تہ دير ئي صحيح پر ڏنل وائل رستو چڱو اٿئو.

# جي نہ پروڙن مٺ

چڱا ڪڏهن بہ چڱائين جا ڪيل ڪم ڳڻائيندا ڪو نہ. نہ ئي ڪنهن واڪاڻ ۾ واه واه جا عادي هوندا. نہ وري ڪي اهڙن واڻن ڪي پاليندا جيڪي هر وقت سندن گيت پيا ڳائين. اها انهن اڻ ڄاڻن جي پنهنجي هلايل ڳالھ چئبي جيڪي چون ٿا. فلاڻا. فلاڻا فلاڻي جون ڳالهيون ڳائين پيا. اصل ۾ اها واه واه نہ هوندي پر حقيقت تي مبني ان ڪردار جي ڪهاڻي هوندي جنهن کي ڏسي ڪو ڪنهن کي پسنديده شخص سمجهي ٿو پر. ڪي وري اهڙا ڪم عقل ۽ جاهلاڻا ذهن رکندڙ هوندا آهن جيڪي ذهني طرح سان پاڻ کي عقلِ ڪل ۽ ڏاها سچا ۽ صحيح ڄاڻندا هوندا. اها ئي انهن جي وڏي ڀل هوندي. جو هو ٻين کي غلط ڪوٺيندا رهندا. ائين ڪرڻ سان ويندا روز بہ روز اڪيلا ٿيندا. پوءِ پيا جهٽ ڳوليندا ڪٿي نہ ڪٿي ڦِٽ ڪجي. پر اُهي سڀ وڏيون ناڪاميون خوش فهمي ۾ گم تڏهن ٿينديون جڏهن ڏسڻا وائسڻا سنگتون ڇڏيندا ويندا.

مُٺ بند سٺي لڳندي آهي پر جڏهن کولبي تہ ساري طاقت ظاهر ٿي پوندي. جيڪو ڀؤ هوندو اهو بہ ختم ٿي ويندو. تڏهن چوندا آهن تہ مٺ بند چڱي آهي. اڄڪلھ جا نادان ڏاها سڄو ڏينهن منيون



ڪوليندي ڏسبا يا پيڙيندي ڏسبا. پوءِ اهڙو ڪم بہ ڇو ڪجي جو پهرئين منيون ڪولي پوءِ منيون پيڙي پڄجي.

بهتر ڪارنامو اهو ئي آهي تہ پنهنجو پاڻ کي بہ ڇڪاسجي، پاڻ کي هر وقت صحيح نہ سمجهجي، ٻين کي بہ ٻڌڻ گهرجي، ٿي سگهي ٿو تہ ڇوڙ وارو صفا ڪو سچو هجي ۽ صحيح چوندو هجي، جيڪو اوهين وقت کان اڳ ۾ ٻڌو پيا اهو جيڪڏهن وقت تي ٻڌندو تہ وڏي سولائي پيدا ٿيندي.

اهڙي ڪا تربيت ۾ گائيڊ لائين هجي جيڪا توهان سمجهي نٿا سگهو تہ ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو. جيڪي ڄاڻون علم کي ڄاڻي ويا. اُهي ئي عظيم انسان ٿي ويا. جيڪي ماڻهو سڀ هوڏ ۾ حسد واريون لالچون ۾ آچون ٽُڪرائي وچ ميدان تي راز کي مٺ ۾ بند ڪري اڳتي وڌيا اُهي زندگيءَ ۾ ڪامياب ٿي ٿيا.

# پره باکون ڪڍيون

اداسيون ۽ مايوسيون، ناڪاميون آڻينديون آهن، ناڪامي هڪ اهڙو ناسور آهي جنهن کي به لڳي ٿو ته هنڌان هنڌان اُڌيڙيو ڇڏي، سبڻ وارا سبن ته مرضي اٿن، باقي ڇتيون لڳن ئي ڪو نه، پريشانيءَ کي پريشاني سمجهي ناڪاميءَ جي ناڪاره نالي ۾ ڪرڻ کان پوءِ ڪي هاتڪ هٿ وجهن جيڪي ٻوڙن جيئان ٻڏندڙن کي بچائين، خوامخواه دنيا جي رونشي ۽ رواجن جا ماريل ماڻهو بيمار سماج ۾ سوچي سوچي پاڻ ته ناڪام ٿين پر ٻين کي به گڏ ڪٽيو پيا گهمن.

اتي اهڙا جاکوڙي ڪردار جرائتمند جوان اهڙا ڏيا روشن ڪريو تري تي ڪٽيو پيا هلن جنهن جي ملڻ کان پوءِ هڪ قسم جي همٿ ۽ اتساهه جنم وٺي ٿو زنده رهڻ ۽ ٻين کي زندگيءَ ۾ خوشيون ڏيڻ پنهنجا غم لڪائي ٻين جي غمگين چهرن تي خوشيون وکيرڻ لاءِ پاڻ کي نمودار ڪن ٿا، اهڙا راٺا رب جي رضا تي راضپو ڏيکارين ٿا، انهن کي دنيا جا ڪاڪ محل  نظر نٿا اچن، انهن کي انسانيت جا ڪانگ اڏائڻ لاءِ پرواز جا ڪنپ ٿاهي سست ۽ بي پهچن کي پرواز جي بلندين جي راز نيازن کان واقف ڪري چون ٿا ته، اي انسان! اٿ، پريشان نه ٿي، پره باکون ڪڍيون آهن، صبح ٿيڻ واري آهي، ڪاري رات جون ٻوليون ڇڏ، رڳو پاڻ کي خواهشاتِ نفس کان آجو ته ڪر، جنهن توکي



پريشان ڪيو آهي، اُها لائيٽ لوڊشيڊنگ واري اٿئي، باقي هي ڏيئو ۽ شمع قرب واري اٿئي، اچ ته ٻاري جڳ کي روشن ڪريون.

دنيا سان سچ به ڪندي تڏهن به توکي ڪوڙو چوندي، جيڪڏهن روئي سور ٻڌائيندي تڏهن به اُهي توکي چريو ڪوٺيندا ۽ کلندا ويندا، جيڪڏهن رات جو پنهنجي حقيقي مالڪ کي ڪاري رات ۾ اندر جي شمع روشن ڪري روئي درد ٻڌائيندي ته چين ۽ سڪون به ملندئي، وري صبح جو تازو توانو ٿي درديلن جا درد ٻڌي انهن کي خوش ڪرڻ جا فارمولا جوڙ انهن کي چئو حوصلا وڏي صلاحيت اٿئو جن حوصلا رکيا انهن هنگلاج ڏنا، جن همٿ ڪئي انهن ڪاڪ محل ڳولي لڌا، تون اٽچاڻ انسان پلج نه، دنيا جي پٽڪن تي، دل اچلي تماشو نه ٿاهه پاڻ کي، پر دنيا کي تماشو ٿاهه پنهنجي ڪردار سان، اهڙا ڏيا ٻار جو جڳ روشن ٿئي.

# هُوَسُ وڏيرو وڳ جو

انسان ڪڏهن بخت جي بلندين تي چڙهڻ بعد بہ تختي تي لٽڪيو ٿو وڃي، ڪڏهن وري زندگيءَ جي تختي تي لڏندي لڏندي تخت نشين ٿيو پوي، بخت ۽ تخت جي وچ ۾ مفاصلو ڏاڍو سوڙهو ۽ تنگ ٿيندو آهي، پر ڪڏهن وري آزمائشن جي اٿل پٿل ۾ نڪرندڙ انسان جاننا هٽندي نڪريو وڃي، جيڪڏهن ان سڄي زندگيءَ جي سفر مان جيڪڏهن سکي ويو تہ ڪامياب ۽ ڪامران ٿيڻ سان گڏ ڪامل ۽ عظيم انسان ليکبو جيڪڏهن شيطاني گهوڙي تي سوار ٿيو تہ پوءِ وري ئي اهو ڳن ۾ اهوئي ڪهاڙو تہ پوءِ سمجهہ وري ڪائڻ پيئڻ بعد بہ التي اچي ويئي هجيس بدهضمي جي ڪري برداشت نہ ڪري سگهيو ذهن منجي نہ سگهيو ائين ئي ساڳيو ڪاٺ ئي ڪاٺ جو اڻ گهڙيو. چوڻ جو مقصد تہ جڏهن، انڌي ٻلهڻ کي گهوڙو سمجهي سوار ٿجي تہ پوءِ ان پوتار وانگر نتيجو نڪرڻ لازمن آهي، جيڪو خوفزده آهي ڪٿي معاشري ۾ سماج ۾ منهنجو ڪو متبادل پيدا نہ ٿي وڃي.

انهيءَ سڄي پيچ ڏاهہ کان چرڪيل اُهو وڏيرو، جيڪو اصل ۾ آهي تہ پوءِ ڏاهيو، مطلب لائق ڪونهي پر معاشي ترقيءَ ۾ حرام پائي جي مايا دولت تہ اهو منصب حوالي ڪري ڇڏيو آهي، پر منجهس لچڻ



ڪونهن، هاٽي ڪيئن بہ ڪري اهو منصب چڙٽو ناهي پر پنهنجي هائيبرڊ آرٽيفيشل اولاد تائين رسو چڪي رکٽو آهي، پوءِ وچ ۾ جيڪي وڻ ٻوٽا اچن تہ انهن کي پلي بي درديءَ سان لتاڙي نڪرٽو آهي، پر بي خبر شهرت جي تخت تي چڙهي ويٺل واڳو واريون واڇون ڪيڙي ويٺل خونخوار ۽ دلي طور ڪمزور ۽ اٽيو ٽشو پيپر جهڙو استعمال ٿيل وڏيرو، جيڪو ظاهري تہ پهلوان ٿو لڳي پر تاريخ شاهد آهي جيڏو وڏو دولت مند انسان ٿيندو آهي اوترو ڊڄڻو ۽ خوفزده رهندو آهي، ڇو جو هو آرائشون، مزا ۽ فرحتون قربان ڪرڻ ڪڏهن بہ ڪو نہ ڇڏيندو ۽ وري ٻئي طرف توال ڪلهي تي رکيل فقير فقرا جنهن وٽ زندگيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بچيل ڪو نہ هوندو ان کي ڪو بہ ڊپ ڊاءُ هوندو ئي ڪو نہ، اهڙن بي خوف فردن کان وري اهڙا فرمائشي وڏيرا هميشہ خوفزده رهندا آهن، اهڙن فقير صفت جي ٻئنڪن ۾ رقم ظاهري تہ ڪو نہ هوندي آهي، باقي محبتن ۽ خلوصن سميت انسانيت جا جامع فلاح ۽ اصلاح جا وڏا فارمولا گودڙيءَ ۾ لڪيل رهندا آهن، جيڪڏهن فقير سچ کي ظاهر ڪرڻ لڳي پوي تہ پوءِ اهو بي لغام معاشرو چڙندو نہ تہ ٻيو ڇا ڪندو؟

# اڪيون ميگهه ملار

ڪڏهن ڪڏهن ڪلندي ڪلندي انسان روئي ويهي ٿو ڪڏهن وري روئيندي ڪليو پوي. اُهي سڀ سوچون آهن جيڪي ماضيءَ ۾ جهاتي پائڻ بعد ڪجهه يادگار لمحا. دوست ۽ دوستيون. وفائون ۽ جفائون. احسان ۽ احسان فراموشيون. ڪوڪاٽيون. هوڪرا ڪوڪرا هوندا آهن. اهڙي طرح نيازمندي جي آڙ ۾ پلجي وڏو ٿيل انسان جڏهن طاقت ۾ اچي ٿو ته. نڪ جو ڏاڍو ٿي وڃي ٿو پوءِ ان جي نڪ ۾ خوشبو سونگهڻ واري سگهه خرابيءَ ۾ بدلجي وڃي ٿي ۽ اُن بعد حرص. تمنا. لالچ. لوفري. لوڀي پڻ نروار ٿي پوي ٿو ۽ هو ڏيڏرن وارا ٽانءُ ٽانءُ ڪندي وفا واري تلاءَ مان نڪري دغا باز سماج ۾ نڪريو اچي. پاڻ پوءِ ڪڙا جملا چپن تي چاڙهي هڻڻ شروع ٿو ڪري. پوءِ ڪو چوي ٿو ته مست ٿيو مال ۾. ڪو چوي ٿو خيال ۾ ڇيڇڙن ڇيڙو ڏنو آهي. ڪو وري چوي ٿو. منافقي ماجرا ۾ ڇتو ٿيو آهي ۽ هاڻي ٿلهن وانگر ٿونا ٿو هڻي. بهرحال ٻاهر نڪرڻ بعد پاڻ مانگرمڇ چورائي پيو ۽ چوڻ شروع ٿيو وڃي. هل اُهي سڀ مانگرمڇ منهنجو شڪار ڪائيندا هئا. ڪجهه قدر ڳالهين ۾ صداقت ضرور ڏسجي پئي. پر وري به مانگرمڇ ۽ ڏيڏر ۾ فرق لازمي آهي. هن معاشري ۾ مانگرمڇ ٿيڻ لاءِ هزارين ڏيڏر قربان ڪرڻا پوندا تڏهن وڃي هڪ مانگرمڇ بڇندو. پوءِ اهوئي مانگرمڇ سيني زنده ڏيڏرن جو نشاستو ناهيو پوءِ پيو هونگرون هڻندو. وريو ڀاڳ وري ننڍڙن ڏيڏرن جو جن پنهنجي شڪل ۾ پنهنجو اڳواڻ ڏسي ورتو هنن



ڏيڏرن سمجهيو ته. بس هاڻي تلاءُ ۽ دريا سمنڊ سڀ اسان جي جاگير آهي. پر جڏهن نشا لٿا ته پوءِ خبر پئي ڪڪڙ ۽ دال جي ۽ انهن جو ريٽ وغيره. اهڙو لقاءُ ڏسندي پوڙهو واڳو به ڳوڙها هارڻ تي مجبور ٿي ويو. ڏسو فلاڻو ڏيڏر ڪڀٽي ڪڀٽي راند پيو ڪري جنهن ڪي سڀ داءَ پيچ سيکارڻ وارو آئون هئيس. اڄ هو پاڻ ٻين ڪي پيو سبق ڏئي. بس واڳون وري به مانگر مڇن جي ميٽنگ ڪوٺائي اڪيون ميگهه ملهار ڪري روئي پيو ۽ ڪلي پيو. ڏيڏرن جي ٽانءُ ٽانءُ سڄي پاڙي ڪي مٿي تي ڪٽي ڇڏيو آهي. وڏي اتحاد ۽ ٻڌي جا ٻول ڪيا پيا وڃن. مڇيون لڪيو پيون ڏسن ته هاڻي اسان جا به ڏٽي جاڳي پيا آهن. پر واڳون ڳوڙها هاري چوي پيو اسان ته بيشڪ خوار آهيون پر انهن اوهان جي برادريءَ جي وڏين مڇين به وسان گهٽايو ته ڪونهي. ان ڪري معاشري ۾ پهرئين نظرثاني ڪريو پاڻ ۾ چور جانچيو ته اڇا ڪارا پڌرا ٿي پوندا.

# جا چرندين ول، ايندئي سا اوڳار ۾

زنده مخلوق حيوانات يا انسان ذات ان لاءِ کائڻ پيئڻ فطري ضرورت آهي، وري هضم ڪرڻ بہ عين گهرج آهي، درآمد ۽ برآمد ٻئي رستا نڪرندا آهن، جتي اندراج ٿيندو اتي اخراج بہ ضروري عمل آهي، داخلي ۽ خارجي ٻئي صورتون گڏوگڏ هلنديون رهنديون آهن، دنيا جو دستور آهي تہ ساهہ وارين شين جو زنده رهڻ کان پوءِ مرده ٿيڻ بہ قائدو ۽ قانون قدرت آهي، تسليم ڪجي يا نہ ڪجي موت هڪ حقيقت آهي، هر جاندار شيءِ لاءِ پلي ڪير ڪيترا جتن چو نہ ڪري دولت ۽ وسيلا سڀ ڪتب آڻي، جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪري پر، جيڪا ٺهندي سا ڀڄندي ضرور، هاڻي کائڻ بعد بي احتياطي ڪرڻ يقينن بد هاضمو ٿيڻ ويچارڙي پيٽ جي مجبوري ٿيو پوي.

هڪڙي سنڌي ۾ چوڻي آهي تہ ڍءُ هڪ مينهن جهلي ٻيو ڪو نسل وارو ديوان جهلي، هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي، دنيا جا مراتب ۽ منصب جڏهن ڪنهن پو ڊائي کي سونپجن ٿا پوءِ هو گڏهہ وانگر پوئين پيرن سان پُستيون ٿو هڻي، ڪڏهن ڪڏهن مالڪ جو بہ خيال نٿو ڪري، پر جيڪڏهن مالڪ وٺيس ڪم، ڏيئس لغام، وجهيس گهاٽي ۾ پوءِ سڀ مستيون ختم ٿيو وڃن، پر مالڪ جي نرميءَ جو غلط فائدو بہ وٺيو وڃن ٿا.



ائين عقل جڏهن علم جي ميلاپ سان حدون پار ڪندو آهي، تہ پوءِ مخلوق، مخلوق وارو خول ڇڏي، فطرت ۽ قدرت جو قد ڪاٽ ڪڇڻ لڳي ويندو آهي، جيڪي ڪم قدرت جي دائري اختيار ۾ آهن، انهن جي ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ لڳندو آهي، آپي کان ٻاهر نڪرڻ ڪري سڀ حدون ڪراس ڪرڻ بعد اڻ ڄاتل ڄاڻائي يا تہ زخمي ڪندس يا ان پار لڳرائي ڇڏيندس.

ائين جسم ويچارڙو وڏيڪ آنڊي جي ماپ کان خوراڪ کڻڻ لاءِ استعمال ڪبو تہ ضرور ڏڪار ۽ اڇل يا تڏوئي تباهہ ٿي پوندو ائين هڪ ماڻهو وسائلن کان وڌيڪ خرچ ڪندو تہ قرضي ٿيڻو پوندس، ائين هڪ وات اگهاڙو ڳالهائو گهڻي ڇاڙي هڻندو تہ ٻڌڻ وارن جو بہ پارو چڙهي سگهي ٿو ائين هڪ ڪامورو يا نمائنده عوام کان وٺي مختلف فيلڊن جا حضرات ميزن تي ميدان ملڪيت جو منديون هڻندا تہ ويچارڙي لوهہ ۽ ڪاٺ واري ٽيبل بہ ٽٽڻ شروع ڪندي، ظاهري نہ بہ ڪٽي ضميري طرح بي جان وارن کان وڌيڪ اُپيون رڙيون ڪندي، ضرور چوندي اي ڪائڻ وارا ڪجهہ سوچ ڪاڏي بعد اوڳاڙڻ وارو عمل ڏاڍو تنگ ۽ ڏکيو اٿئي، ڪافي وڏا وڏا جڳ جوان جن بي منداٽو ٿورڙي وقت ۾ مچڻ شروع ڪيو وري سنها ۽ سمارٽ ٿيڻ لاءِ وڏيون ورزشون ڪيون ويون يا ڪرايون ويون ليڪن ٻئي عمل ٿي سگهن ٿا، تنهن ڪري ڏڪار ۽ اوڳاڙ کان بچڻ لاءِ گهٽ کاڏ متان حساب ڪتاب ڏکيو نہ ٿي پوي.

# پرين پڳهه چوڙيا

ڪوڙ سارا جاندار ڪردار، ماڻهو مٽيادار، جڏهن منهن مٽيندا ويا، هن بي وفا دنيا مان، تڏهن اُهي ڪچهريون ۽ رهاڻيون تنهائين ۾ بدلجي ويون، اوتارن جا ته نشان قائم رهيا پر انهن ۾ ويهي تڪيا سجائيندڙ نه رهيا. بازارن ۽ شهرن ۾ رش ته گهٽي آهي، دنيا هلي پئي ڪاروبار جاري ساري آهي، پر سڪ ڏئي ڏڪ وٺڻ وارا رهيا ناهن. باقيءَ يا ڪي ڳوليا ڳوليندين به نٿا لڀن.

جن لوڀ ڪي لوڙي، لالچ ڪي توڙي ناتا نڀايا ۽ ائين ڪٽي چئجي ته نڀائڻ ڄاڻندا هئا، اڄ انهن ڪڪن تي ڪنگن جون قطارون لڳيون پيون آهن، جوان جوءِ ڇڏي پرڏيهه پرواز ڪري ويا ۽ چوندا ويا دنيا دوڪي باز اٿئو اعتبار نه ڪجو پر ڪردار ڪي نه ڇڏجو ۽ پاڻ ڪي تبديل به ڪجو ضرور سچائيءَ وارو واپار گهٽجي ويو آهي يا گم ٿي ويو قدر وارن ڪونڌرن جي جڳهه ننڍي دل وارا ڊبلا دهل پيا وڄرائين، ٻن ڪوڙن ٽڪن تي، احساس پيا جتائين وفائن جا. پر هن خاموشيءَ ۾ زنده رهڻ وارا حسين خيال رکندڙ هيرا ماڻهو لڪيو لڪيو يا ته روئين پيا چنبڙن ڪي چنبڙي ڏسو يا ڏيڏرن جي ٽانءِ ٽانءِ کان چڙڪندي پرپرو ٿي، تماشي وارن جي ناداني تي اچرج ڪندي انهن ڪي نه ته ميارون ٿا ڏين نه ئي ڪو مهڻا ۽ ملامتون، صرف ڪوشان ضرور آهن ڪوشش ۾ ته. سماج ڪي سڌي سمت ۾ هلائڻ لاءِ جاڪوڙجي، چرين ڪرين ڪي به گڏ کڻجي، متان اڄان به انڌير نگري چرپٽ راجا وارو نظارو نه ٿي وڃي.

سواريون وري به جانورن واريو ڳولڻ ڪپن هرپرو جديد لوهه پلاسٽڪ جون روڊن تي ريڙهيون پائيندڙ گاڏڙيون ڏسو ضرور، پر تيل جي پچا به نه ڪجو متان پنهنجا هٿ پنهنجي ڳچيءَ ۾ نه پون، اصلي ٻي تي ڦڙا گيهه ئي چڱو هو، هن آئل کان هڪ ته مريض ٿاهي پيٽ جو ٻيو وري وٺي ڪيسي ڪي خالي ڪرڻ جو ڪم، دوائون به اُهي ٻڪيون ڦڪيون ئي سٺيون گهٽ ۾ گهٽ مدي خارج يا نقلي ته ڪون هونديون.

ائين محبتون اڻ پڙهيل ئي صحيح پر گريجيوئيٽ واريون ڪوڙيون ڪهاڻيون ڪٽي ڪنڌ نه ڪپائي ڇڏين، نعرن ۾ به وڏا نخرا مچي ويا اٿئو ڪا خبر ئي نٿي پوي ڪم التو ذهني ٽارگيٽ ڪلنگ ڪريو ڇڏين، ڇڙوڇڙ ويچارڙي ذهن ڪي، بس پيرِ ۽ پڳ جڏهن کان چوڙي پاڳن وارا پرين هليا ويا ۽ انهن جا چمڪاٽ چمڪندڙ خيال ۽ ٻرندڙ ڏيا جڏهن کان اجهڻ لڳا تڏهن کان ڪارين راتين جو فائدو وٺي چور چوڪيدارن ملي پاڻ ۾ گهرن ۾ دانگي ڪاٿهي ڇڏي.

# مون توهين سين سڱ

ناتا ۽ واسطا نڀائڻ لاءِ ئي رکيا آهن. دوستيون ۽ دشمنيون بہ گڏوگڏ هلي ٿيون سگهن تہ پوءِ وفائن کي بہ توڙ ڪرڻ گهرجي، جتي جفائن ۾ جفاڪشي جاري آهي، اُتي سرڪشي سر وڃايو ڇڏي پر جهڪڻ نٿي ڏئي، ان کي عقل چئجي يا ڄٽڪي جوڄاڙ سڏجي، پر وقت جي نزاڪت سان فارمولو درست ڇيو وڃي پيو. جتي سوداگريءَ جا سودا وفائن تي مفادن تي مبني هجن اتي سر جا سودا ڪون ڪبا، فقط وقت جي انتظار ۾ باهمي مصلحت پسنديءَ اختيار ڪبي.

جتي فونن تي قائدا ۽ قانوني ايڊوائيزريون جاري ٿين ڇڱا چوڪا ڪنيڙاٽين ڪان ڪٽيو واڄٽ جيئن وڄرايو ڇڏين، اتي ڪنگال مهانگائيءَ جو ماريل ويچارڙو انسان سچ سان وفاداري ڪيئن ۽ ڪٿي ڪري سگهي، جيڪو ڪورو ٿانءُ پڪي برتن جي جڳهہ ان ڪري والاري جو هو گهٽ قيمت ۾ ملي ويو هجي، پوءِ وڏي قيمت ادا ڇا لاءِ تہ ڪجي.

دور انديشي واري دور بينيءَ جا سيل سڙي ختم ٿيڻ جي ڪري پري واري شيءِ ڏنڌلائجيڻ جو ڏيک ڏيڻ لڳي تہ ڏسڻ واري جو قصور ڪجي يا بيٽري ۽ چارجر جو مسئلا تڏهن منجهائجي مرجهائجيو وڃن، فيسن تي ڦڪا ٿيڻ وارا منهن مٿي ڪري سر نمايو ڪنڌ هيٺ ڪن، اتي جوانڙا ٻانهون ڪنجيو ٿا گهمن، جيڪي وڪجن



ٿا انهن جا اگهہ ٻيڻا ٽيڻا ٿين اُهي اڌ موڙي ۾ بہ هليو وڃن، پر نون کي خريدڻ لاءِ ٿورڙا ناٽا مارڪيٽ ۾ وڏيو ملن ٿا، ان ڪري خاموشيءَ سنئو عمل آهي، سٽيا سواءِ داغ جي پهچيو وڃن، ڪائڻ وارو ذائقو تبديل هوندو آهي، پر فرق نٿو پوي پيٽ تہ ڀرٽو آهي، اڳواڻ سپ هڪ تسبيح جا پاڪ مڻڪا باقيءَ عوام گنهگار جهڙي ڳجهارت اجان پيچي ناهي سگهي.

هاڻي اهڙي ڄاڻي واڻي جاهل سماج ۾ سڱ قائم رکڻ لاءِ سؤ دفعا سوچڻ گهرجي، وقت جي تقاضائن کي سامهون  آڻڻ ضروري آهي، نڀائڻ بہ ڪپي، چنڊ بہ سنو ناهي بس واٽ تي وڪ وڪ تي واسينگ نانگ نموني طور نروار نظر ايندا. چون ٿا تہ نانگ جو ڪاڏل نوڙي کان ڊڄي، پر وري ڏاها چون ٿا تہ نانگ بہ مري ۽ لٺ بہ بچي، واسطو بہ هلي ۽ وات ۾ چوڳو بہ هجي، آخر وفائو بہ هجن پر جفائن جي پاسي ۾، ٻہ گدرا مٺ ۾ ڪٽڻ وارو زمانو آهي، بس سوچي سمجهي هلجي.

# اچي آڳ اُجهاءِ

ماچيس تيلي جي ايجاد پنهنجي جڳهه تي اهم آهي، ان جو ڪم باهه دکائڻ آهي، باهه جتي ڪاڏي ناهڻ جي ضرورتن جي پورائو ڪري ٿي، اتي ٿڌ ۾ گرمائش به ڏئي ٿي، پر جيڪي اڄڪلهه تيلي جهڙي زبان ۽ ماچيس جهڙي دل ڪٽيو هن سماج ۽ ماحول ۾ نڪري پيا آهن، انهن انسانيت جي نسل کي درهم برهم ڪري ڇڏيو آهي، پر هڪ اهڙي باهه دکائي آهي، جيڪا اجهڻ جي ڪري ئي نٿي، ڪنهن به روپ ۾ پيلي ڏسو سياست کان وٺي، مذهب جي شدت پٽي ۾، قلم جي زهر کان وٺي، علم جي نوڪ تي، جسم ۽ جوڀن جي لاپرواهين کان وٺي ڇڙواڳ نئين نسل جي زور آورين جي، اذيت ناڪ حرڪتن جي ڪري ماٺتن جي رڙين ۽ اداسين تائين، بي سڪوني جي لمحن کان وٺي منشيات جي زهريلن ورتائن جي ور چڙهيل هي انسان، انسان رهيو ئي ناهي، جڏهن ته پکين ۽ جانورن جا پاڻ ۾ جدا جدا نسل هوندي به ڪڏهن انهن جي پاڻ ۾ محبت ڏسيو شرم کان ڪنڌ جهڪيو پوي، پر انسان کي انسان تي رحم نٿو اچي، ان ڪري جو ڏينهون ڏينهن خيالن ۽ جذباتن ۾ شدت ۽ وري شدت تي رد عمل جو اچڻ سبب، سڪلن سان گڏ ساوا به سڙيو ٿا وڃن.



هڪ ته لالچي جاگرافيائي مافيا ۽ وياج خوري جي من مستين سڄي دنيا کي هڪ قيد خاني ۾ آڻي اهڙو ته قيد بند ڪري رکيو آهي، جو ڪڏهن ڪنهن وبا جي صورت ۾ ڪي جراثيم اڇليو ڇڏين ته ڪڏهن بارود جا ڍير بغير ڪنهن ڊپ ڊاهه جي وچ ماڻهن ۾ پکيڙيو ڇڏين، ويچارو مسڪين سماج مهانگائيءَ جي ڄار ۾ پيسبو پيو وڃي، وري ريس اهڙي لڳل دولت جي مقابلي ۾ نمبر ون ڪير ٿو ٿئي، پوءِ اهو دنيا جي سطح ڪا وٺي هڪ پاڙي ۽ ڳوٺ تائين رسا ڪشيءَ جو مانڊاڻ متل آهي.

بازار ۾ ڪنهن به پراڊڪٽ جي آمد تي روز نيون پاليسيون ۽ پيڪنگون ۽ وري پڪيج جو زور، اندر سڀ خير عافيت، ٻاهريون تماشو هر جڳهه ۽ هر هنڌ مختلف فيلڊن ۾ ڏيکاءُ ڏئي پيو، مسجد ممبر کان وٺي سياسي ڪرسيءَ تائين ايڏي ته پاڻ ۾ ويڙهه لڳل آهي جو اصل مقصد ويچارڙو فوت ٿي ويو آهي، قائدا قانون وسري ويا آهن، بغض ۽ بغاوت وڌي ويا آهن، صبر برداشت به، چڪ چڪان آهي ۽ هڪٻئي جا پير ڪيندي ڪيندي پنهنجا پير ئي چڪڻ ۾ پورا آهن، انتقام جي باهه ايڏي ته اوچي ڳاٽ تي نمودار نظر پئي اچي جو هر ڪو ڇگو به چپ جو روزو رکيو ڪناره ڪش ٻٽيو ويٺو آهي، هاڻي داد فرياد ڪٿي ڪجي ۽ ڪنهن وٽ وڃجي، ڏسڻ ۾ رڳو باهه ئي باهه آهي، پاڻي ته نظر ئي نٿو اچي وري وارا بندي ۽ ڪوٺ، هرڪو ڏوڪڙن جو محتاج پوءِ پلا ماچيس ۽ تيلي ٻئي سستا ڇو ته مليو وڃن، انهن کي ماٺو ڪرڻ وارو ماحول اٽلپ، الله انهي باهه کي اجهائڻ وارا پيدا ڪري.

# ريءَ مصلحت مگٽا، اڱڻ ڪيئن اچن

مشهوري ۽ مغروري ۾ ايترو فرق هوندو آهي جيترو اختيار ۽ اقتدار ۾. اختيار ڪنهن هڪ کي ملندو آهي، ائين ئي اقتدار بہ سڀني کي ناهي ملندو. پر ٻنهي ۾ اتفاق ناهي، اختيار پنهنجو پاڻ کان شروع ٿيندو آهي ۽ نفس کان وٺي جسم ۽ خواهشن کي بہ ڪنٽرول ڪري وٺندو آهي، جڏهن تہ اقتدار ۾ پاور ضرور ملندو آهي پر اُهي خوبيون ناهن ملنديون. انهن ۾ هڪ اڻڃاڻل خوف رهندو آهي تہ متان ڪٿي اهو پاور ڦرجي نہ وڃي، پوءِ ڇا ٿيندو؟ اقتدار جا شوقين هميشہ اهي ڪم ڪندا ۽ ڪرائيندا آهن جيڪي انسانيت کي زيب ناهن ڏيندا، هو بس پنهنجي اقتدار کي واڌ ڏيڻ چاهيندا آهن. ايستائين جو هو پنهنجو پاڻ سان گڏوگڏ پنهنجي خاندان پر تمام انسانيت کي بہ داءَ تي لڳائڻ ڪا وڏي ڳالهہ ناهن سمجهندا.

پر جڏهن صاحبِ اختيار فقراءَ ماڻهو ٿيندا آهن جيڪي پنهنجو محاصرو ۽ محاسبو پاڻ ڪندا رهندا آهن. خدانخواستہ اهڙي پڪڙ نہ ٿي وڃي جنهن جي ڪري انهن جو مالڪ اهو سڀ ڪجهہ ڦري نہ وٺي، محڪوم ۽ مظلوم معتقد هوندا آهن. اها ذهني ٽڪاوٽ ۽ ٻي سبب رواداري جا مسئلا ۽ انهن جو حل ڳولڻ لاءِ هليا ايندا آهن. اهو انهن کي اخلاص سان ڪردار جي ٻي لوٺ ڳالهين ۾ وجهي ڇڏيندو



آهي، جنهن سان هو پاڻ پنهنجي نفس ۽ ضمير تي قابض ٿي ويندا آهن، بعد ۾ انهن کي پڇتاءُ ناهي ٿيندو.

صاحبِ اختيار، صاحبِ ڪيميا، صاحبِ دل ۽ صاحبِ رازِ عشق ٿيندو آهي، جنهن ۾ سواءِ عاجزيءَ جي ٻي ڪا بہ بناوتي ساخت موجوده آرٽيفيشل مصنوعي ذهنيت چمڪ ڌمڪ جي موسيقي ترتيب نمايان ناهي ٿيندي، هو اهوئي ڪجهہ ڪندا ۽ ڪرائيندا آهن جنهن مان انهن جو رب راضي ٿي انهن کي صاحبِ اختيار ناهي ڇڏي، هو ان کي ڪاميابي سمجهي وٺندو آهي.

صاحبِ اقتدار انهن سڀني ڳالهين جو قيدي هوندو آهي، اهو فقط ظاهري طور تي مسند تي ويهي ڪري بہ وڌو خوفزده ٿيندو رهندو آهي تہ خبر ناهي ڪڏهن تختو ڪلٽي ڪيو وڃي. ائين ئي صاحب اختيار ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کان وٺي هر ان ڳالهہ سان مصلحت پسندي ڪري وٺندا آهن جيڪا ظاهرن تہ حيرت انگيز هوندي آهي پر دور انديش طور ان جا نتيجا وڏا لاپائتا ثابت ٿيندا آهن. اهڙا فقراءَ دل انسان ٺڳيون تہ ڪو نہ ڇاٽين پر ٺڳڻ وارن کي بہ ٺڳين کان هٽائڻ لاءِ ڪو نہ ڪو هنر ضرور آزمائين.

اهو سڀ ڪجهہ معاشري جي بهتريءَ لاءِ هوندو آهي، هو پنهنجي ذات کان مٿانهون سوچڻ جي ڪري پنهنجي ذاتيات تي بہ اختيار رکيو اچن، اهڙن اختيار وارن وٽ ڪڏهن اقتدار بہ معصوميت جي حال ۾ پهچيو وڃي ٿو پر ان کي بہ حقارت جي نظر سان پر هڏ ڏوکي واري فارمولي ۾ فٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، اهو نيڪ آهي تہ دنيا ان تي وڏا سوال اٿاريندي پر پويان وري بہ جانچبو تہ فائدو ڪنهن هڪ ذات کي نہ پر عام کي ملندو آهي.

# جيئان گهڙي، تيئان گهيڙ

دنيا جي چرخي جا چڪر، ڪڏهن ڦڪا ڪڏهن ڦيلا، ڪڏهن دم دلاسا، ڪڏهن اڻ ويساهيون ۽ ويساهہ گهاتيون. پوءِ بہ ڏوم ڏومان، ڪٿي ٿوپ ٿوپلا، ڪٿي توپ توپچا، ڪٿي چالاڪيون چاپلوسين جا چمڪا، ڪٿي ٺمڪن ۾ غمن جا جهٽڪا، ماڻهو ملڻ وقت ائين لڳن جيئن وڏا سڪون ۾ آهن. پر اداسين جا پاڇولا پاسو ڪٿي ٿا ڇڏين، ڪي وري خوش باش هوندين بہ ورتا پيا هلن، ڪن جا سڀ ٿول وهاڻا ۽ وڇاڻا بہ چمڪن تہ ڪن جا گاديلا بہ گند ۾، ڪن، ڪن جا نالا بہ سرٽيفڪيٽ جهڙا، اهڙي طرح ڪي ڦٽ پاٽن تان وڏين محلن ۾ رسي ويا، ڪي وري محلن مان ڦٽ پاٽن تي اچي ڪريا، ڪي گڏ ڪندي بہ غريب ئي رهجي ويا، ڪي بغير گڏ ڪندي امير انسان، ڪن جا وسندڙ ويڙها ويران، ڪن لاءِ ويرانن ۾ شغل شاميانہ. بس ڪو ڪٿي وڃي فٽ ٿيو تہ ڪو ڪٿي.

بس ائين ئي زندگيءَ ۾ جيڪو ڪم ملي لڳي پئجي، عيب نہ محسوس ڪجي، اڌ ڇڏي سڄيءَ جي ٻوڙ ۾ متان صفايو نہ ٿي وڃي، اڌ ڪي هٽيڪو ڪري پوءِ سڄي ڏي پيلي لڳجي، پر ٻين هم سفرن کي لتاڙي نہ، گڏ ڪٽي هلڻ جو مزو ئي پنهنجو آهي، فقط دل وسيع هئڻ گهرجي، رستن مان رستا نڪرن ٿا.



تڏهن شاهہ صاحب چوي ٿو جتان گهڙڻ جو موقعو فراهم ٿئي تہ گهڙي پئو موقعو اصل نہ ڇڏيو پوءِ سوڙهي گهٽي بہ وڏي ويڪر گهيڙ ثابت ٿيندي، يعني خلاصي جڳهہ نڪري پوندي. ائين ڪاروبار ننڍڙو بہ شروع ڪري ڇڏجي تہ پاڻهي وڌو ۽ وسيع ٿي ويندو. جڳهون جتي ننڍڙيون هيون اڄ اتي وڏيون عاليشان مارڪيٽون ٺهي ويون. جن کي مائيتاڻي ورهاست ۾ بنجر زمين ملي اهو ماٺ ۾ رهيو اڳتي هلي اتان پڪا روڊ نڪرڻ ڪري سڀ ڪميون پيشيون دور ٿي ويون. اڳيون پويون گهرجون پوريون ٿي پيون. ڪلهہ جا غريب اڄ جا شاهوڪار ٿي وڃن ٿا! اڄ جا ٽرڙا امير سڀاڻي جا مسڪين ٿيو وڃن. وقت، وقت تي حاوي آهي، ڀروسو ناهي، بس بي اعتمادي ڇڏي نڪري پؤ ۽ چنبڙي پؤ جتي پير کپن اهوئي سڀ ڪجهہ پنهنجو سمجهو.

# آدمين اخلاص، مٺائي ماٺو ڪيو

چون ٿا تہ تصوير جا ٻہ رخ هوندا آهن. آئيني واري تصوير بلب جي روشنيءَ ۾ ڏسندڙ ۽ اونداهي ۾ نظر ايندڙ ۾ ضرور فرق تہ هوندو. ائين نوڪريءَ جي تلاش ۾ گهمندڙ دوست ۽ ڪرسي تي ويٺل همراه ۾ تبديلي اچڻ شروع ٿي ويندي آهي، اهو ئي ساڳيو دوست جنهن جي سماجي پهلوئن تي ڪچهري ٿيل هوندي آهي سو وري منصب تي ٽيڪجي ويهڻ ڪانپوءِ وارو انداز گفتگو سڄو هڪ سر بدلجي ويندو آهي، اهو تہ آهي دنيا جو چرخو. ايستائين جو پنهنجي لائيف پارٽنر ڳوناٽي عورت بہ دل تان لهڻ شروع ٿي ويندي ان جڳهہ تي وري نئين نڪور تعليم يافتہ عورت وڻندڙ لڳندي، وري ويچارڙا والدين جن ڏينهن رات هڪ ڪري ائين ڏينهن ڏسڻ پئي چاهيا اهي بہ رونقن جي نظر ٿي ويندا. فقط ڏک يا ڪا مشڪل آئي تہ والد ۽ پراڻو ماحول ڳولي لهبو. نہ تہ ڪا ضرورت ڪانهي، شاگردي واري زماني ۾ والد ڏاڍا مٺا هئا هاڻي يڪدم ڪٺا پيا لڳن. ڇو جو اڳي اهي ڏيندا هئا ۽ هاڻ مٿان ونڻ جي ڳالهہ نہ ڪن.

ائين هڪ اهڙو انسان جنهن ڪي پنهنجو محسن وسريل هجي، پر وري جڏهن ڪٿي اٽڪي پوي تہ هڪدم اهو ياد اچي ۽ ان جا پراڻا ڦوٽو اپلوڊ ڪرڻ تي دل چاهي، پر جيڪڏهن پراڻا پنا ڏسبا تہ انهن ڪي بہ ان بخشيو ڪو نہ هوندو. فقط مفادن خاطر هڪ پٽي طور تعلقاتن ڪي استعمال ڪرڻ اسان جي سماج جي عادت آهي، جيئن ڪا پارٽي هڪدم پنهنجي باني ليڊر ڪي ضرورت وقت ياد ڪندي آهي، پوءِ ان جو ڦوٽو هٽي ڪم ٽپائي وري اُهي نخرا ۽ اهي ڦيرا. پر اسان جي ياداشت ايتري تيز ٿي ويئي آهي يا سست، ڏسڻ ٻڌڻ وارا بہ سمجهن پيا پر اهي بہ وقت ضرورت ٽشو پيپر طور ڪم ٽپايو وڃن.

اصل ۾ جڏهن هڪ انسان مان اخلاص موڪلائي ٿو تہ ان ۾ محبت ماني ٿي وڃي ٿي ۽ هو ضرورت وقت حاوي ٿيندو وڃي ٿو اهو انسان جيڪو محسن ڪش بڻجي پوي ٿو اهو پنهنجي تصوير آئيني ۾ ڏسي ٿو تہ ضرور خوش ٿئي ٿو پنهنجي ڏاهپ ۽ دانائي تي تہ مان سيني ڪي دوڪو ڏئي ڏس ڪيئن پنهنجا ڪم ڪڍيا يا ڪيڙايا آهن، پر وقت جي گذرڻ بعد جڏهن اهوئي ساڳيو انسان ڪنهن جڳهہ تي ضمير واري آئيني ۾ پنهنجي تصوير ڏسڻ لڳي ٿو ضرور پگهر نڪري ايندس، ماضيءَ جي دريءَ ۾ ڏسندو دل جو دل ۾ پاڻ کي لعن طعن ڪرڻ کان سواءِ رهي ڪو نہ سگهندو. جيئن جيئن جهاتي پائيندو ويندو عادتون ۽ لڇڻ وسريل وري ذهن تي اپلوڊ ٿيندا ويندا. ڏنل دوڪا انهن ڪي جن کان سک مليا هئا انهن ڪي عيوض ۾ ڏک ۽ درد هن ڏنا هوندا آهن. هاڻي وري اهو سڀ ڪجهہ وياج سميت واپس ملڻ لڳو آهي، وقت مٽجي ويو آهي، هاڻي سواءِ ندامت جي بس ٻيو ڪو ڇوٽڪارو ناهي رهيو.

بس التجا ان ضمير فروشن سوداگرن ڪي تہ اِهو سکي وٺو. پنهنجو پوکيل ئي وقت تي وياج سميت واپس ڪرڻو پوندو آهي، دوستن وٽان اخلاص جيڪو اوهان ڪي مليو ۽ اوهان بدلي ۾ ڇا ڏئي رهيا آهيو، سوچي وٺو؟

# هُو چنني تون مَ چن

هر پاسي جنگ جدل جو دور روان دوان آهي، بارود جي ڍير تي ويٺل ويچارڙو انسان آهي، ايترو ڪجهه تہ تباهي جو مواد پاڻ لاءِ انسان ٺاهي ڇڏيو آهي، جو فقط تيلي ڏيڻ جي دير آهي، اُهو ڪم هاڻي شروع ٿي چڪو آهي، تيلي بہ تيزي سان دُکي رهي آهي جڻ ڪکائن گهرن کي ڪنهن چڻنگ مان باهہ لڳل آهي، ڪيترن جا گهر راک بڻجي ويا آهن. جيئن ڪو ماڻهو پاڙي ۾ شرارتي ڪردار وانگر پنهنجي ناپاڪ ارادن کي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ ڪا اهڙي ڳالهہ ڇيڙي ڇڏي جيڪا آهستي آهستي دکي پيڙ مچائي، پوءِ اها باهہ ان شرارتي جي گهر تائين پهچي وڃي پوءِ پاڻ بہ اِها اجهائي نہ سگهي.

دنيا وارا هميشہ هيراڪ هوندا آهن، سندن ڪم دکائڻ هوندو آهي، اُجهائڻ هو ڄاڻن ئي ڪو نہ. انهن جي فطرت ۾ ڪُلفتون ڪنيون ڪرڻ هوندو آهي، محبتن جي خوشبوءِ نہ پاڻ سونگهي سگهن نہ ٻئي اهڙو واپار ۾ سودو ڪنهن سان ڪرڻ بهتر سمجهن.

دنيا جو گولو هن وقت گهمي پيو باهہ جي سمنڊ جي ارد گرد. وقت قريب تر ٿيندو پيو وڃي، بس هڪ پاڙي ۾ راڄ گهٽي کان معتبري جي ويڙهہ شروع ٿي ويئي آهي جيڪا وڃي دنيا جي سپر پاورن تائين پهتي آهي، ان ويڙهہ ۾ گهڻن جا گهر اجاڙي دنيا جا ماڻهو رئيس ۽ ڪامريڊ ٿي معتبري حاصل ڪندا آهن. انسان، انسان کي ٻارڻ ۽ اڱار ٺاهڻ جي ڊوڙ ۾ لڳي ويو آهي، سودائي سودو ڪرڻ ويٺا آهن



دنيا جي اندر انسانن جي ڪوپڙين جا ڍڳ گڏ ڪرڻ لاءِ ڪير ڪيتريون ٿو ڪوپڙيون گڏ ڪري، ملاڪڙو متل آهي.

تيل کي ٽانڊو لڳي ويو، رستا روڊ سنسان ٿيندا ويندا، جڏهن تہ ٻہ ٽي سئو رپيا بہ پيٽرول نہ ملي سگهندو، مهانگائي ٻين شين کي ڪائيندي جڏهن اچي خوراڪ ۽ اناج تي پهتي پوءِ اسان کي امن امان ياد اچي ويندو، تيستائين گهڻو ڪجهہ واپرجي ۽ ورهائيجي چڪو هوندو، جيڪي انسان پاڻ ويهي ڦوڪٽا تشڪيل ڏنا آهن اهي بہ تہ هوائن ۾ ڦاٽڻا آهن، دونهون تہ نظر بہ ايندو پر نڪ کي ٻوساٽجڻ وارو عمل بہ ڪندو، هينئر تہ اسان جي نڪ کي زڪام هجڻ ڪري معتبري جو زهر سونهگڻ ۾ نٿو اچي پر جڏهن نڪ ۽ چپن تائين رسائي حاصل ٿيندي پوءِ نہ چاهيندي بہ اِهي زهر چڪڻا پوندا، اهڙا ڪردار دنيا جي وڏن ڪامريڊن کان وٺي گهر گهر گهٽي ۽ پاڙي ۾ نمايان ٿيل آهن، غلطين کان بچائڻ لاءِ هميشہ خيرخواهن جا بہ ٽولا هر هنڌ ضرور هوندا آهن، اها ٻي ڳالهہ آهي جو انهن جي چوڻ کي ڪير قبول ناهي ڪندو جيڪي هميشہ امن جو درس ڏيندي ڪڏهن بہ ٿڪبا ناهن، بہ ويڙهائو بہ لڳل رهندا آهن انهن کي چنڻ ۾ مزو ايندو آهي، هاڻ ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارا ڳنڍڻ جي ڪوشش ۾ آهن، ڏسون ڪير ٿو کٽي ۽ ڪير ٿو هارائي.

# ويندين ڏانهن پرين

زندگيءَ ۾ جڏهن ڪو انسان ذهني طرح ڪنهن نہ ڪنهن ڪم، ڪنهن فڪر، ڪنهن جستجو، ڪنهن مقصد ڪي يا ڪنهن شخصيت ڪي ۽ ان جي ڪردار ڪي پنهنجو محبوب ٺاهي وٺندو آهي، تہ پوءِ ڪوشش ڪندو رهندو آهي ان ڪي حاصل ڪرڻ جي، جيتوڻيڪ زندگيءَ ۾ ضرور آزمائش ۽ فاصلا پيدا ٿي پوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ذهن سست ۽ ڪاهل بہ ٿي پوندو آهي، ٿڪاوٽ جسماني جو ذهن تي بہ اثر هڪ فطري عمل آهي، پر پوءِ بہ پاسا بدلائي وري نئين سر لڳي پوندو آهي، پويان مقصد جي.

چو تہ ان ڪان ناتو ڇنو ناهي، ضرور ڪجهہ سست ٿيو آهي پر ڪناره ڪش بڻيو ناهي، جستجو ختم ڪرڻ لاءِ ناهي ڪبي پر هر حال ۾ حاصلات لاءِ ڪبي آهي، راهہ ۾ رڪاوٽون اچڻ ان ڳالهہ جي شاهدي آهي، تہ ڪو بہ مرحلو ۽ ڪم سواءِ تڪليف جي حل ناهي ٿيندو، جيڪو ائين وينئي ملي وڃي ان جي پائيداري ۾ حقيقت ناهي هوندي، جيڪي بہ انسان عظمت جي اونچائين ڪي پهتا، انهن ۾ ڪو بہ سواءِ مسلسل جهدوجهد ۽ اڻ ٿڪ ڪوشش ڪان خالي نہ پهتو، جيڪي رستي ۾ ويهي رهندا هئا، اهي اتي ئي رهجي ويندا هئا، جيڪي هلي پيا اهي ئي منزل تي پهچي ويا ۽ پنهنجي اکين سان ان محبوب مقصد ڪي ڏٺو.



جدوجهد ۾ سستي اصل ۾ بي وفائي جو هڪ عنصر آهي، جيڪو اوهان ڪي پنهنجي ان محبوب مقصد ۽ محبوب ترين هستيءَ ڪي حاصلات ڪان روڪي ٿو، ڪڏهن بہ سفر ۾ ٿڪبو ناهي، جيڪي ٿڪبا اُهي ئي شڪار ٿي ويندا، ذهني ۽ جسماني ناچاڪي جي باوجود بہ هلڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪو رستو ناهي بچندو، ڇو جو وچ ۾ خونخوار چرند پرند هوندا آهن، انهن تي بہ نظر رکڻ لازمي هوندي آهي، اهي سڀ سفر زندگيءَ جي پڄاڻيءَ تائين جاري رهندا آهن، ڪڏهن بہ اهڙن اعليٰ انسانن جا مقصد فوت ناهن ٿيندا، انهن جو پرين انهن جو ڪارساز هوندو آهي، اُهي اوڏانهن سفر ڪندي راهي رڻ ٿيندا آهن، واٽ ويندڙن ڪي ڪٿي ڪٿي سٺا ڪاڏا ۽ راحت آرام آسائش زنده ۽ لالچ تمنا جهڙيون آزمائشون پرڪيف آفرون پيش ايندا آهن، هو ڪجهہ گهڙيون اتي اٽڪاٽائي ۾ ويهڻ جي باوجود وري جڏهن يادگيرو ايندو اٿن تہ اتي ٻيهندا آهن، هڪ پاڳل جيان وري بہ هلي پوندا آهن، ڇو تہ اُهي سڀ شيون عارضي طور هونديون آهن، جڏهن اهو گمان ٿيندو تہ خيال مٿبو ۽ پڇتاءَ پيدا ٿيندو تہ انهن ڪي ياد ايندو تہ وچ پنڌ ۾ ڏنل وقت ذيان ٿي ويو، اها شايد پنهنجي پاڻ سان دغا ۽ فريب واري بي وفائي هئي، پر هاڻي وري وفا جو سندرو ٻڌي نڪري پئبو تہ منزل قريب تر قريب ٿيندي ويندي.

# مارو مٺ ملير جا، سپئي پرکياسون

جڏهن چورن، چورن جا پير کڻڻ شروع ڪيا، تہ پاڳئين جهليا گهر، چور نڪتا چور چور ڪري، چورن کي بہ ڪتڪا ڪتڪن جهڙا، ڪٿي سچ پچ مٿان اسان کي چور چور ڪندي واقعي پاڳيا پاڻ نہ جاڳي پون، چون ٿا هميشہ پير کڻڻ جي وقت رات واري چوري جا چور بہ گڏ پير کڻائيندا آهن، پر هاڻي تہ سي سي ٽي وي ڪيميرا جو زمانو آهي، ان ۾ چور چوري ڪندي نظر ايندو آهي، پوءِ ان کي جهلڻ سولو ٿي ويندو آهي.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي، هڪ ڏاهو چور چورن جون ڳالهيون ٻڌائيندي، پل چڪ ۾ چئي ويٺو مون هيئن چوري ڪئي هئي، چو تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن جڏهن ضمير جو آئينو سينيٽائيز ٿي جراثيم ختم ڪري وٺندو آهي، تہ پوءِ سڀ ڪان پهريان پنهنجو چهرو نظر اچڻ شروع ٿي ويندو آهي، پوءِ جيڪو ڪجهہ چهري تي هوندو اهو ئي آئيني ۾ ڏسبو.

اڳئين وقت ۾ چورن جي مٿان مور هوندا هئا هاڻي مورن جي مٿان چور حاوي ٿيندا ٿا وڃن، چور، مورن جي آرٽيفيشل واري روپ ۾ ائين پيا ڏسجن جيئن ڪو شڪ شبهو ڪرڻ مشڪل آهي، جيئن اڄڪلهہ هر هڪ پٿر ٻاهران ماربل جهڙو پيو لڳي، ائين منڊين ۾ پائڻ وارا پٿر جيتوڻيڪ شيشي ۽ پلاسٽڪ جا هوندا آهن پر اڪثر کي خبر ناهي پوندي، جيئن منهنجي هڪ يار سيڪوفائيو واچ آرٽيفيشل وٺي وري رابن واري عينڪ سان ان ريت لُنڊي واري ڪوٽ تي شائينگ ڪرائي، يارو خان جي دعوت تي اچي لٿو، وڃين ٿيا خير،



هاڻي ڪير سڃاڻي، ٽائيون ۽ ٽري پيس ۾ همراهہ ڄڻ ڪو ڪاري ڪوٽ وارو هجي، خبر تڏهن پئي جڏهن پر واري دوست ڳالهائڻ شروع ڪئيس تہ پاڻ بہ ٽي اکر انگريزي وارا رٽيل، سٽيل، ايڪس ڪيوزمي، ايڪچولي بار بار چوڻ شروع ڪيا، پنهجي مادري زبان ڄڻ وات پئي پچائي، ڄڻ ڪو انگريزيءَ ٻچڙو پيو لڳي، سامهون ايندي ئي ڄٽ جاڙو خان پاڪر وجهي چئيس يار ڪلهہ واري پاڻ واري شاپنگ واهہ جي پئي ٿهي، گهنٽہ گهر بازار واري، بس مون توکي چيو هو نہ هڪ انگلش بوٽ بہ وٺ تو وري ڪپتان سينڊل جي ڪاپي وارو سينڊل ورتو مون ڏس انگلش بوٽ ورتو، بس سڀ سڄي خريداري پنهنجي پاڻ ظاهر ائين ڪيائون جيئن شراب جا نشائي ڪجهہ چشڪا وٺندي پنهنجا راز سڀ کولي ڇڏين ٿا.

ائين اڄڪلهہ جا چور ٻين جي چورين جون ڳالهيون ڪندي ڪندي حقيقت ۾ پنهنجا لڇڻ پيا ٻڌائين، جيڪي پٽي پائي گڏ هئا اهي تہ سڀ سڃاڻين، هڪٻئي کي ڄاڻندڙ ۽ سڃاڻندڙ قد ڪاٺ ماپيندڙ ائين سڀ ان تلاءَ مان پاڻي پي نڪرندڙ مينهيون ڏڳيون سڀ گپ چڪ ۾ پريل، هڪ ٻئي کي پيون چون تو تي گپ لڳل آهي، جيئن چون ٿا مينهن چيو ڏڳيءَ کي تنهنجو پڇ ڪارو، سپئي رڍون ڪار ٻوٽيون هونديون آهن اڪثر ڪري، هاڻي ويچارڙا پاڳيا ڳوليندا وتن پوريون مينهيون اڇن پڇن واريون يا اڇن منهن واريون رڍون تہ ڳولڻ ۾ وڏي دير لڳندي، وقت ڪپي، هڪ دفعا جڏهن اهڙيون رڍون آسٽريليا ۾ وڏي ويون تہ پوءِ انهن کي ماريو ويو، ان لاءِ تہ گهٽيون ٿي ويو آهن، هتي هاڻي ڪاڏي ۾ لوڻ نہ پر لوڻ ۾ ڪاڏو وڏو پيو وڃي، ڏيان سان هلڻ گهرجي، سپئي هڪ تلاءُ مان پاڻي پي جوان ٿيندڙ چا تہ ڪندا هوندا.

# تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا

اڄ اسان جا روڊ رستا احتجاج پيا ڪن. خوش قسمتيءَ جي اها وڏي علامت چئبي جو واقعي اسان جي قوم ۾ وڏي سجاڳيءَ پيدا ٿي ويئي آهي. رئيس چنڙ خان ۽ رئيس موتڙ خان ٻئي ڳوٺ ۽ شهر جا لٺ سردار. وڏي جوش خروش سان پاڻ مهانگائي مارچ پيا ڪن. ٻنهي رئيسن جا پانڌا به پريا پيا آهن. اڄ تائين اقتدار به سندن حوالي جڻ گهر جي نوڪرياڻيءَ وانگر پوءِ به. هيءَ هل هنگاما ۽ هجوم. عوام به ان ۾ برابر جو شريڪ ٿئي پيو.

چون ٿا آڳاتي زماني ۾ آکاڻيون ۽ ڪهاڻيون رات جو ڪچهرين ۾ ٻڌائيبيون هيون. هڪڙي سگهڙ سڄي رات عمر ماروئيءَ جو قصو ٻڌايو. صبح ٿيندي ئي سڄي رات ويٺل همراهه رڙ ڪري پڇيو. "مونکي ٻڌاءِ ته عمر زال هئي يا مڙس"، اسان کي اڄ ڏينهن تائين اها خبر ناهي پئجي سگهي ته هن سڄي مٿا ماريءَ جو مقصد ڇا آهي؟ اسان ان خوش فهميءَ ۾ آهيون ته ڪنڊ ۽ ڪير جون نديون وهنديون. پر اهو سڀ ڪجهه ڪندو ته ڪير ڪندو؟ نندا وڏا. ڪمدار ڪامي. رئيس ٻئي گڏ جهمريو پيا هڻن. ڏنڊا ۽ لٺيون به سندن هٿن ۾. هاڻي وري همٿ ڪري شروع ٿين انهيءَ عوام کي. جيڪا مرڻي ۽ پرڻي جي خبر



ڪانهي ته ڪٿي خوشي پئي ٿئي يا غمي. بس دوسو رڳو دهل جو ٺڪاءُ نه ٻڌي. واهه جو وقت اچي ويو آهي. ٻچ به جانو خان ڪرائي. وري چوي ڪٻڙ خان کي ته ڪٿي کي روڪ. هاڻي مير جي اٺ کي الهي (بک) ڪير چوي. سائين وڏو جيڪڏهن گهٽو ڪائي تڏهن چئجي ته طعام سنو نهيل هو. تڏهن پيو ڪائي. جيڪڏهن ڪو مسڪين ڪائي ته چون بک پيو مري. هاڻي ڍءُ واريون پستيون يا بک واريون لتون ڪائيٽيون اٿس. وري خادم خفتي کي جيڪو گاهه ڏئي تڏهن به لوهه. جي نه ڏئي ته به لوهه. گدرو ٻنهي طرفن کان وڍجي جيڪڏهن ڪاتي ڪري ته به ڪپجي. جيڪڏهن پاڻ ڪري ڪاتيءَ تي ته به جهٽڪو اچيس. رئيس وڏي جي سڏ تي نڪرجي تڏهن به قابو جيڪڏهن نندي رئيس جي نه مڃجي تڏهن به ڪاٺ ۾. هاڻي ڪو ته صلاح مشورو ڏئي ته ڇا ڪجي؟ ڪنهن کي شاباش ڏجي جنهن اڄ رستن ۽ روڊن تي سيني محبتين کي گڏ ڪري ڇڏيو آهي. منهن ۽ مهاندا الڳ آهن باقي نعرا مڙئي ساڳيا پيا ٻڌون. ڪيترو نقصان ۽ ڪيترو فائدو آهي ڪا خبر ڪونهي. بس ايترو فڪر ضرور آهي. ماني جي وقت ماني ملي وڃي تڏهن به چڱو.

# جهونا ڳڙهه جهرندو پوندي جهانءِ جهروڪ ۾

دنيا جي اندر هميشه دشمني ۽ دوستيءَ جي هڪ تاريخ رهي آهي، ڪڏهن دوستيون، همدرديون، افسانا، ڊراما خوابن، خيالن ۾ ورهائجي دشمنيون جنم وٺنديون آهن، ته ائين ئي وري دشمنين مان پائيدار ڳانڍاپا ۽ واسطا محفوظ دوستن جي صورت ۾ نظر اچڻ لڳندا آهن، انهن سڀني جو تعلق بس ڪجهه مفادن جي تحفظ لاءِ ٿيندو آهي، انهن ۾ جاگرافيائي، سياسي، سماجي، معاشي، اقتصادي توڙي زندگيءَ ۾ اپرندڙ سڀ سوال جواب حاوي رهندا آهن، جنهن جي آڌار تي ڪي ڏريون وقتي طور يا ڪجهه عرصي لاءِ هڪ گهٽي پاڙي کان وٺي دنيا جي نقشي تي پاڻ کي سپر پاور يا ان جو همدرد ۽ اتحادي سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿيون، ان جي پويان پنهنجي بچ بچاءُ واري ٿيوري لڪل هوندي آهي، جڏهن طاقت جو توازن مسلسل برقرار رکڻ باوجود ڪجهه لچڪ ڏيکارڻ شروع ڪري ته سمجهڻ گهرجي ته ننڍڙيون ٻيون طاقتون وري طاقت کي ڇڪين پيون پاڻ ڏانهن.

ائين ئي نوان اتحاد ۽ لاڳاپا جڙي پوندا آهن، پوءِ اُهي، راڄن پاڳن جا هجن يا ملڪي ۽ دنيا جي سطح تائين هجن، پوءِ ننڍن اتحادن کان وڏين طاقتن کي خوف خطرا محسوس ٿيندا آهن، ڪڏهن وري مغروريت ۽ انائيت جي سبب منهن تاڙ ڪري ڇڏيو ڏين ان صورت ۾ اُهي ان کي منهن لڳيو وڃن، پوءِ جڻ پنهنجو پاليل پنهنجي ڳچيءَ ۾ لڳيو وڃي، اهڙيون گهٽيون حالتون تاريخ جي ڪتابن ۾ ۽ ڪهاڻين ۾



درج آهن، وقت جي ڪرتن ۽ ڏرتن جي طاقت جي توازن کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ۾ ڪاميابي ۽ ناڪامي جي صورت ۾ ڀوڳيندو وري به ويچارڙو پاڙيسري آهي، ڇو جو اهو ان علائقي ۾ پاڙي گهٽيءَ جو رهائشي آهي، جيڪڏهن اتي ڪو جهگهڙو فساد يا عدم تحفظ پيدا ٿئي ٿو ضرور ان جا اثرات ان کي هر طرح کان ستائيندا.

وري جيڪڏهن دنيا جي وڏين طاقتن ۾ ويڙهه هلي اها ڀلي سائيبر اٽيڪ کان وٺي سرد گرم ڇو نه هجي پر ننڍڙا ترقي پذير ملڪ ۽ غريب ملڪ ۽ انهن جو عوام به مهانگائيءَ جي پڪڙ ۾ ايندو ئي ايندو آهي، جڏهن موسمون متبيون آهن ته چون ٿا هڪ ڏنڏلو پن آسمان تي نظر ايندو آهي، ڪو منجهيل نظارو هوندو آهي، جڏهن وجي موسم نمايان ٿئي، ائين مٽيءَ جا واچوڙا به پاڻ ۾ وڙهي پوءِ مٽي اٿندا آهن.

جهونا ڳڙهه کي جهوريندڙ جهانءِ ۽ جهروڪ پاڻ ۾ لڳا پيا آهن، لوڙين ويچارڙا واهرو پيا، واٽ ويندڙن کي پريشانيون لاحق آهن، جنهن ميدان تي ڪاج سجندو آهي اتي ڪيتري وقت کان گند ڪچرو پکڙيل هوندو آهي، وري جيڪڏهن ڪا زميني آسماني آفت اچي تڏهن به زمين تي ان ٿيل هلچل نظر ايندي آهي، ڪيتري عرصي تائين، بس هڪ جهوناڳڙهه زندگيءَ به اٿئو اهو جڏهن جڙندو آهي ته سنو لڳندو آهي، جڏهن هي جهانءِ جهروڪ جو ڊهندو آهي تڏهن مٽي جي ڍير کان سواءِ ٻيو ڪجهه نظر ناهي ايندو ۽ ائين سڀ تماشا ختم ٿي ويندا آهن.

# دلبر دنيا دار، اکر پنهي هيڪڙو

دنيا ۾ دلبر ٿيڻ ڪشش ٻه رکن ٿا ۾ بي رحمر ٻه ٿين ٿا. دنيا ڪڏهن ڪنهن کي نه بخشيو آهي ۽ نه ئي اهڙي اميد ڪير رکي. دوست وري دلبر هجي، انگل آرا ۾ نخرا نه هجن ته پوءِ ان کي دوست ڪيئن چئجي. جڏهن جيڪو دل جو دوست ٿي وڃي، پنهي طرفن کي خبر هجي دل چِني نٿي سگهجي ته پوءِ دلبر دلبريون ڪندو ويندو ۽ سامهون وارو آڻ مڃيندو ويندو. گهٽتائي ڪنهن طرف کان ڪو نه ٿيندي. وقت گذرندو ويندو. ائين وري دنيا پنهنجي دام ۾ ڦاسائڻ وارا هنر هلائيندي روز ٻه روز نوان چشڪا ۾ ڪوڙڪيون لڳائي پنهنجي شڪار کي سوڙهو ڪرڻ وسان ڪو نه گهٽائيندي.

دلبر گهٽڻ روپن جا ٿين ٿا، ڪن جو دلبر فن ۾ فنڪاريون. اُهي ٻه مختلف قسمن جون. سٺي واريون ٻه ٿي سگهن ٿيون ۾ دوکي فريب واريون ٻه. ائين مال دولت ۾ شهرت کي ماٺهو دلبر رکندا ويندا آهن. پوءِ انهن جي بلندين تي پهچي وڃڻ بعد ڪڏهن ڪڏهن شڪايتن جا انبار ٻه ڪٺي گڏ گهمندا آهن. ڪڏهن چوندا ته سڄي زندگي انهن شين جي حاصلات لاءِ وقف ڪرڻ بعد سواءِ ندامت جي ڪجهه ٻه حاصل نه ٿيو فقط اکين جو ڍءُ. دل خوش هئي ته هيءَ ٻه منهنجو آهي ۽ هو ٻه منهنجو آهي. وقت جي پوئين پاچن ۾ هاٺي پڇتاءَ پيو ٿئي ڪير منهنجو ناهي بچيو. سر جي بازي سر سان. جيڪي منهنجي شهرت جي ڪري گڏيا اُهي وقت جا ڪيڏاري هئا وقت جي گيم ۾ شامل هئا. جڏهن گيم ئي پڄاڻيءَ تي پهچي ته ڪلاڙي ٻه نڪرندا ويا ائين جيئن تترن جي ٻوليءَ واري راند ۾ جيڪو تتر ٻولي بند ڪندو آهي ان کي گيم مان نيڪالي ملندي آهي. وڃي هڪ داٺو بچندو ان کي ٻه ٽڪجٺو پوندو. باقي وري ميدان خالي ئي خالي رهٺو آهي. ائين شهرت تي پهچائڻ واري دولت ٻه گڏ هوندي ٻه پين ڏانهن تڏهن موٽ ڪائڻ شروع ٿي ڪري جڏهن اصل مالڪ جا پنهنجا عضوا ٻه ساٿ ڇڏيو وڃن. پوءِ ڏسندو رهجيو وڃي ويچارو انسان. هل انهن شين کي مون ڪيڏو نه پائيدار سمجهيو هو. اڄ نه سونهگڻ جي سگهه نه ڇهڻ جي سگهه. نه اندازو نه ئي ڪو ليکي حساب جو.

جيڪڏهن اڄ وقت تي انسان دلبر ۾ دنيا کي سڃاٽي وٺي ته ڪافي حد تائين هميشه سندس موجودگيءَ جو احسان رهي. هر ڪو پنهنجي وس آهر پنهنجي پاڙي ۾ راڄ مان ڪجهه غريب شاگردن کي گود وٺي. انهن جي ڪاڏي پيتي کان وٺي تعليم تربيت جو خيال رکي ۾ انهي کي ڪنهن دنگ تي لاهڻ لاءِ جاکوڙي. ائين ڪنهن نياٽيءَ کي گهر پيڙو ڪرڻ لاءِ سندن والدين کي چئي ته اها منهنجي نياٽي آهي سڄو خرچ منهنجو يقينن اهو آخري پساهن تائين ضمير کي تسڪين ڏيندي ساٿ ڏيندو. ائين انيڪ نيڪي وارا ڪمر. جتي اسان جون فضول خرچيون هڪ تائيم تي ڏنل هوٽل تي ڪيترن ئي طعامن جو آرڊر. پوءِ ڪاڌو سڀ اپار جي ور چڙهيو وڃي. اتي فقط پيٽ ڀرڻ لاءِ ايترو ڪائيجي جيتري ضرورت آهي. باقي رقمر مان مسڪينن کي ڪارائي ته ڪيترن جا پيٽ ڀرجي پون.

ائين هڪ شاديءَ جي ڪاڄ ۾ خوامخواه ڏنڊا ڪونڊا ڪٺي راڄ جي غريبن کي نيڪالي ڏئي ڪجهه چند وڏا ڇوڏا ويهارجن جن کي سڀ ڪجهه پرهيز. ڪهڙو فائدو. توهان ڪيڏي ٻه چاپلوسي ڇو نه ڪريو اُهي ان دنياوي دلبر وانگر اوهان کي ٻه ڇگيءَ طرح سڃاٽن. پوءِ هڪ ٿئي سان فنڪاريون ۾ نڀيون سڀ وقت تي درهم برهم. ڪجهه سوچيو اُهي ٿئي هڪڙن اکرن ۾ جڙندڙ آهن.

# وريا واهوندا

جڏهن پن ڇڻڻ جي موسم خزان ايندي آهي، ته وڻن جا پن ڇڻندا آهن ۽ ڪي وري پوڪيل وڻن جي ڇانگ ڪرائيندا آهن، جيئن نوان گونچ ڪڍن، جيئن ڏسو اونهاري ۾ گهڻن ماڻهن کي نوڙهو ٿيڻ جو شوق هوندو آهي، ننڍا وڏا گنج ڪرائي پيا هلندا آهن، ائين وري معاشري جي وياج خورن ۽ مهانگائي ڪندڙ واپارين به ڄڻ عوام کي صفا گنجو ڪري ڇڏيو آهي، جيئن ووٽن ۾ ٻيٺل نئين نڪور اميدوار کي ڪامريڊ نوڙهو ڪريو ڇڏين، ائين وري سينئر اڳواڻ ڪٽڻ بعد خزاني کي به نوڙهو ڪريو ڇڏين، ائين اڄ هر طرف نوڙهن جا ٺا ٺا جا نعرا پيا گونجن، جيئن واهوندا ورندا آهن تڏهن خبر پوندي آهي ته موسم سرد مان گرم جي طرف وڌي رهي آهي، ائين جڏهن فاتحائون ۽ عذر خواهيون شادين پرڻن تي وڏين گاڏين ۽ باڊي گارڊن جي لشڪر ڪشائي ڏسو ته سمجهي وڃو سياسي واهوندو به ورڻ شروع ٿيو آهي، پوءِ جاوا، ڪارا، پيلا، ڦڪا سڀ ٽپ ٽپان واري ماحول ۾ هوندا، جوش جذبا وندر ورنهون لڳيو وڃن، عوام لاءِ ڄڻ مرچن ۽ ڦٽين جي چونڊائي، جهڙي رقم ڏهاڙي جڙيو پوي، اهو وقت ڏنڏي جو ڇٽي سگهجي ٿو بغير خرچ جي گهمڻ ڦرڻ ۽ کائڻ پيئڻ، واه واهه وري ڪپڙا مٽائڻ يعني پارٽيون تبديل ڪرڻ، ڪجهه مهينا اڳ ۾ جنهن پارٽيءَ کي گاريون پئي ڏنيون اڄ وري ان جي تعريف، نڪ ڪن جا ڏاڍا بس ڄڻ واءُ پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويا هجن، واهوندن جي واءُ، هر فيلڊ ۾ سٺا خراب هوندا آهن، سڀني لاءِ هڪ جهڙي سوچ نٿي رکي سگهجي، باقي گهٽائي



گنجن ۾ نوڙهن جي وڏيل آهي، رئيس ٺارو خان نوڙهو هڪ مشهور راڄوند طور ليکيو وڃي ٿو پاڻ هميشه گنج ڪرائڻ کي پسند ڪندا هئا سندن هي تڪيو ڪلام هوندو آهي ته پيو ڪو اڇي گنجو ڪري وڃي بهتر آهي پنهنجي هٿن سان پنهنجو صفايو ڪجي، ميدان خالي هجي دشمن ۾ سڄڻ لاءِ به ڪجهه نه ڇڏجي، جيئن هڪ اقتداري پارٽي ٻي پارٽي جي اچڻ کان اڳ ۾ اڪائونٽ صاف رکڻ جي عادي هوندي آهي، نه هوندو نه ويڙهه ٿيندي.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته رئيس ٺاري خان نوڙهي چيو پئي ته آخري زماني ۾ ياجوج ماجوج نڪرندا، ڏيڏر، ٻلا، گڏهه، ڪتا سڀ ڪائي چٽ ڪري ڇڏيندا، نه رهندي بانس نه وڄندي بانسري، هن وقت هر طرف ڪان وٺ وٺان لڳي پئي آهي، خبر ڪونهي سچو ڪير ڪوڙو ڪير، برتري لاءِ جوڙ توڙ سڀ حربا ۽ هلائون گلائون، مهٽا ۽ ميارون ڪتب آنديون پيون وڃن، ساڳئي منهن مهانڊا هڪڙي صف مان نڪري ٻئي ۾ ڦٽ ۽ شفٽ ٿيڻ لاءِ ڪانچا ۽ پانچا هٿن ۾ ڪريو پيا گهمن، وري نوان شوقين مائٽن جي گڏ ڪيل جمع پونجي کي تيلي ڏيو ويٺا آهن، توبن جا منهن کولين به پاڻ ۾ بند به پاڻ ڪن، نتيجو کهڙو نڪرندو، پر روڊن رستن تي رونقون ضرور آهن، ڪجهه وري ايمانداري ۾ ايمان جي نالي تي به مزن ونڻ جي موڊ ۾ نڪتل آهن، فل ڪوئيڊ ڪرونا جي ڊريسنگ سان سينگاريل حضرات خدمت لاءِ هٿ ٻڌي حاضر آهن، رئيس ٺاري خان نوڙهي وانگر اسان اڳ نوڙهه ڪرائي ڇڏي آهي، هاٽي پاڪي، استرو کهڙي ڪم جو؟

# واڳون تي وريام

جڏهن هر ڪو فقط کائڻ چاهي، انهيءَ خوشيءَ ۾ ته ديڳڙي چڙهي پئي آهي، پر داڳ ڏيڻ وارو اجان ليپي ٿي ڪو نه ٿو پهرئين ته ان کي ڳولجي جيڪو ديڳڙيءَ ۾ موجود سامان کي پچائڻ ته سيکاري، پچائڻ ۽ رڌڻ جو به هڪ هنر ٿيندو آهي، هر ڪنهن وٽ اهو فن ناهي هوندو. تڏهن شاديءَ ۾ به ڪاريگر راڌاڙا پري پري کان گهرائيبا آهن، جيئن ڪنهن وي آئي پي جي طعام لاءِ به بورچي مخصوص ٿيل هوندا آهن. ائين هر سيٽپ ۾ وري ان جي اپ ڊيٽ لاءِ به ڪن ڪن تي رکبا آهن. من ڪا سٺيي خبر ٻڌڻ ۾ اچي.

جڏهن هر طرف کائڻ وارن جا وات واڳون وارا هجن اتي ننڍڙا جيتامڙه ڪو نه هلندا، شڪار به شڪارن جهڙا ٿيندا. وڏن جا ڪاڏا به وڏا هوندا آهن ۽ پيپ به تڏهن پريا. اپرا سپرا جهڙا ڪک ۽ ڪانا. واڇٽ نڪا ۽ ڏندن جا ڪڙڪات پري پري کان ٻڌڻ ۾ ايندا ته ڪاڏو چٻاڙجي پيو. پوءِ چا جي لاءِ هيڏو سارو انتظار ۽ اوسيئڙو. انتظار ۾ ڪڏهن زحمت ۽ ڪڏهن وري برڪت ٿيندي آهي. ديڳڙي چاڙهڻ ايتري آسان ناهي، سڀ کان پهريان ماحول ناهبو آهي. آليون ڪاٺيون، سڪل ڪاٺين جي هيٺ رکبيون جيئن سڙي وڃن. تيل گاسليٽ به ضروري هئڻ گهرجي، مهانگائيءَ جو به اثر آهي، سستو ڪو نه ملندو. آليون ڪاٺيون به ڪمند کان مهانگايون آهن. پر مجبوري به آهي، ڪاڏو رڌڻو آهي، سڀ مهمان ۽ ميزبان انتظار ۾ سيڙيا پيا آهن. وري ميدان تي رکيل ديگڙيءَ لاءِ هوا جا رخ معلوم ڪرڻا پوندا ته هوا جو رخ ۽ ڦيرو ڪهڙي طرف آهي، ائين سڀ اسباب گڏ ڪرڻ بعد ڪاريگر



راڌاڙي جو انتظار ڪبو. اها دير ڏسڻ واري هوندي آهي. جلديءَ ۾ پڪل ڪاڏو ڪارائڻ ۽ کائڻ وارن کي ڳگون چپن کان هيٺ لڙڪي پونديون، کي ڳڙڪائيندا هيڏانهن هوڏانهن ڏسي متان ڪو ڏسي نه وٺي، پر پوءِ به چهري مان اندازو ضرور لڳي سگهي ٿو.

ڪامريڊ ڪارو قادر ڪڏهن ٿڪن تي ٿڪ، ڪڏهن پريشان حال اهڙي طرح وري پر ۾ بيٺل تلاءَ ۾ واڳون جن کي وڏيرو وڏڻ خان پنهنجي هٿن سان ڪاڏو ڪارائي رهيو هجي ڏسڻ مهل ماٺ ۾ پئجيو وڃي، وري ڪٽ ڪٽ جا آواز هڏن جي پيچڻ جا. قادر جون خوشيون خاموشيءَ ۾ تبديل ٿيو وڃن. جيڪا خوشي ان کي ديگڙي جي ڏپ سونگهڻ سان ٿي پئي اهڙي ريت واڳون جون واڇون ۽ انهن جو ڪاڏي رهڻڻ وارو طريقو ڏڪائيندڙ هو.

هميشه ويچارڙو ڪارو ڪامريڊ قادر تياريون فل رکندو هو پر وقت تي پهچندي وڏا هن کا اڳ ۾ ڏڪ ڪري ويندا هئا. هيءَ وري به ڪورو رهجي ويندو هو هن دفعي پورو پورو يقين سان سنبريو هو پر جڏهن واڳون ۽ وڏيرن جي روش ڏنائين وري اجان ديگڙي رڌجڻ ۾ دير ٿپ برداشت کان ٻاهر هئي، ڪنهن وقت بک ۽ حسرت ۾ انتظار کي ترجيح پيو ڏئي، ڪنهن وقت واپسيءَ ڪرڻ جو سوچي پيو. وري پوبون حال به ڪو چڱو نظر نه ٿي آيس، بس سوچي ائين پيو چڻ وڏيري جي هٿ ۾ ڪاڏي جي صورت ۾، جيڪو بار بار واڳوئن جي چپن ۾ ڪٽ ڪٽ ٿيندو هجي، بس ان کي ئي قسمت سمجهي ماٺ کي اهميت ڏنائين.

# گولو تون ئي غلام

غلامن جا بہ ڪئين قسم آهن. سونهن جو غلام، يعني حسن پرستي، جيڪا شيءِ سهڻي لڳي ان جي پويان لڳي پيو ان کي ڏسڻ جي ڪري، پر اها شيءِ مهانگي تڏهن پوندس جڏهن هر قيمت ۾ ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. جي نہ ملي تہ ذهني سڪون وڃائي ويهندو ۽ ڊپريشن جو مريض ٿي ويندو. پر جيڪڏهن خدانخواستہ حاصلات ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو تہ ان کان بہ وڌيڪ ٻي ڪا شيءِ خوبصورت نظر تي چڙهي تہ اڳ واري ڇتي وري ان پويان ڪاهي لڳندو. اها شڪل صورت انسان ۾ هجي يا گاڏي وغيره جانور ڪو پکي ڪٿي ڇو نہ هجي، هر قسم جا شوقين ٿين ٿا اهائي هڪ انساني فطرت آهي.

ٻي وري عادت شهرت پرستيءَ جي آهي، جنهن شخصيت جو نالو وڏو هجي ان کي چاهڻ ان سان واسطو رکڻ، اهو بہ هڪ مرض ۾ شمار ٿئي ٿو اهو رانديگر هجي يا فلمي ايڪٽر هجي، ۽ سياسي لڏي وارو بہ ڪو ڪو ٿي سگهي ٿو گهڻو ڪري سياسي اڳواڻ ڪم تار هوندا آهن ۽ انهن کي پسند ڪرڻ وارا بہ ڪم ڪڏائو ٿيندا آهن. باقي نظرياتي اڳواڻن کي ماڻهو دل جان سان چاهيندا آهن.

ائين روحاني ۽ مذهبي شخصيتون جيڪي اڻلڀ آهن. انهن جو ڪو ملهہ ناهي، جيڪي واقعي هجن. باقي نقل ۽ آرٽيفيشل ڪم ڪيڏڻ جي لاءِ گهڻيون ئي متعارف ٿين ٿيون. ائين وري انسان دولت، ڌن، زر جو متلاشي ٿيندو آهي، رڳو ڏسيو دل خوش پيو ڪندو آهي، اهڙا ڪردار اوهان کي ماضي، حال ۾ ڪوڙ سارا ملندا جن جو جيئڻ ۽ مرڻ دولت کي گڏ ڪرڻ هوندو آهي، هڪڙا وري سنيون عمارتون ۽ گهر ٺاهڻ ۽ ونڻ يا ڏسڻ



جا شوقين ٿيندا آهن. ضرورت تحت تہ هر ڳالهہ نيڪ آهي، پر گهرج کان مٿي مٿو ماري ڪرڻ صحت، جسم ۽ سڪون جو ٻيڙو ٻوڙڻ آهي.

ائين وري سياسي راند رهڻ اقتدار تي پهچڻ لاءِ پنهنجن پراون جا ترا ڪيڏڻ بہ هڪ فن ۾ شمار ٿئي ٿو ڪي تہ وري ننڍڙا ڇوٽا موٽا ورڪر لڏي جا نتا چٽي سگهجن پر ڪوڙا قرآني سڏي سگهجن ٿا. فقط واکاڻ اهڙي ڪندا اڳواڻن جي سامهون اهي پاڻ ويچارڙا شرمندا پيا ٿيندا، هر هر ڳالهہ تي قسم کڻندا ويندا. جنهن جا قسم کڻندا ان سان بہ ڪو واسطو ڪو نہ هوندن.

هڪڙا وري نفس ۽ خواهشات جا زر خريد ٻڌيل غلام، مطلب تہ اهي سڀ ذڪر ڪيل اصل ۾ ان غلام صفت ۾ اچن ٿا. اها بہ غلاماڻي آهي جنهن جي پورائيءَ لاءِ رات ڏينهن محنت ۾ لڳا پيا آهن. هڪڙا معاشري جي ريتن رسمن رواجن جا غلام. ٻيا وري پاور فل حضراتن جا غلام. اها غلاميءَ واري سوچ جڏهن دل دماغ تي حاوي ٿي وڃي ٿي، جيئن مسلڪن فرقن ۽ مذهبن جي انتها پسندي جي ذهنيت جا برين واش ٿي غلاميءَ واري ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي وڃي ٿي اُهي سڀ مرض آهن. جيڪي مذهب لاءِ، رياست لاءِ، پاڙي ۽ راڄ لاءِ، ملڪ، مٽن مائٽن سيني لاءِ ويال جان آهن. اهڙن مريضن ۽ غلامن مان ڇوٽڪارو ضروري آهي.

ڪنهن سڌريل معاشري لاءِ، ان جي اصلاح ان اصولن تحت ٿيڻ گهرجي جيڪي واقعي لازم ملزم هجن انسانيت لاءِ، ڇو تہ ڪڏهن بہ دين ڌرم يا سٺي سياست ۾ انتها پسندي واري غلاميءَ ناهي هوندي، انهن جا فلسفہ ۽ سوچ واضح هوندي آهي، جيڪو قانون ۽ قائدن تحت هڪ معاشري ۽ سماج لاءِ اهميت جو حامل تسليم ڪبو آهي، باقي نفس جا غلام بہ انهن بيمارين جا غلام ٿي ويندا آهن جيڪي سچي سوسائٽيءَ لاءِ عذاب جان ۽ مال بڻبا آهن.

# اُٺو اڀوجهاءَ

جنهن سماج ۾ دولت جي پوڄا پاڻُ ڪئي وڃي، دولت ڪي ڪنهن به صورت ۾ گڏ ڪرڻ جو ڪلچر عام هجي، اتي حلال ۽ حرام جون حدون ناهن هونديون. جتي اخلاقي قدرن جو ستياناس انهيءَ ڪري ٿيندو هجي، جو نئيا همراهه به وڏن دولتمندن جو اولاد آهن. اها ٻي شيءِ آهي ته اخلاق ڪڏهن به انهن جي پاسي مان به ناهي گذريو. ياد رکو ته، ڳالهائڻ ۾ به ڪا حڪمت رکيل هوندي آهي. الفاظن جو اچارڻ نشاندهي ڪندو آهي ان ماڻهوءَ جي فيملي ۽ ان جو ڪلچر جي. هتي سڄو ڳاڏو ئي جهڙ لڳو پيو آهي. ريس ريسان آهي هاڻي ته باڊي گارڊن ڪان سواءِ ڪو به هلي ئي نٿو سگهي. اهڙي بدحال ماحولياتي زندگي جيڪا دز ۾ ڊنڊلائپ پڻ جي هنج ۾ هلي ويئي هجي، جتي پري پري ڪان ڪو شعاع نظر نه ايندو هجي، وري روشنيون اهڙيون تکيون ۽ تيز ڊار ڪان به تيز هجي. جتي رسامان ۽ رنجشون اندر ئي ساڙيو وجهن. ريتون رسمون هٺ جون ٺاهيل ڄڻ ڪي مورتيون. جيئن وڏين پيا سينگاريو اهڙي ڪلچر جي اڳيان مثبت سوچ جي سهاري هڪ سنو خاصو ذهن فقط ڪنهن نظرئي ۽ فلسفي جي ئي آڌار تي هلي سگهي ٿو. باقي هونئن ته مشڪل آهي. تعليم يافته سڏجندڙ



جوانڙا جن ڪي ٻه چار انگلش جا الفاظ رٽيل آهن نه ته باقي وڃي ٿيو خير!

ڊيڙدوس جي وبال ۾ ظاهري، ڪنهن به شخصيت جي سڃاڻ ان جي سواري ۾ ڊريسنگ تي وڃي اٽڪي پوي، ان جي قابليت ان جي علمي جاڪوڙ صلاحيت جو نه ڪو داد نه ڪو فرياد. پوءِ اهڙين قابل فخر هستين جو جنم ۾ ان جي موجودگي اسان جي هن ماحول ۾ ڪهڙي معنيٰ خيز نظرن سان ڏسبي، پروٽڪول دولت ڪي هجي، نه ڪي علم، ڏاهپ ۽ صلاحيت ڪي، پوءِ سٺي حاصلات ڪٿان ۽ ڪيئن لهبي، تعليم جو حصول به دولت ڪمائڻ لاءِ وقف ٿيل هجي، پوءِ علم جي حيثيت به ان دائري ۾ ڳولهبي، دعوتون، شاديون، تقريبون سڀ اسٽيٽس ظاهري خوشامدي جي ڀاڪرن ۾ پلجن پوءِ نج ڪردار قلمي نسخن ۾ تاريخ ڪهڙي رقم ڪندا. جيڪا هن وقت ڪي ظاهر ڪندي، اهڙي شعور جي پيداوار ڪي پوکجي ۽ ان جو پوئيواري ڪجي، جنهن مان شعورمند داٽا ڦٽي نڪرن هن جهنجهٽ واري ماحول مان، هڪ خوش افزا صدائون اچن. هن اڀوجهائي ۽ اڀوجهن واري سماج ۾، بس جاکوڙ شرط آهي، شعور مند ذهنن لاءِ.

# رتي رت نہ سنجري

تمنا جي تلاش ۾ سرگردان ويچارڙو انسان، رات ڏينهن هلندي هلندي، راهون، رند، رستا پيٽيندي پيٽيندي، ڪڏهن ٿڪجيو پوي تہ ڪڏهن رڪجيو پوي، يا ٿورڙي دير پل ڪن لاءِ سست ٿي ويساهي ٽڪ پيجڻ جي ڪوشش ڪري، اتي وري ڪجهہ نظرياتي جنوني اشخاص ڪنهن بہ فڪر سان وابستہ لڏو يا تہ غير يقيني جي ڪيفيت ۾ لڏو لاهيو ڇڏين هميشہ لاءِ يا وري ريڙهيو پايو نڪريو پون. پر پختگي، جستجو ۽ جدوجهد جي سلامتيءَ لاءِ لازمن سچائي ضروري نشاني آهي، چو تہ جيترو فڪر وزني ۽ ڀروسي جي قابل هوندو اوترو ئي اعتماد اعتبار مضبوط هئڻ جو دليل آهي، ڪي نظريا ڪجهہ وقت لاءِ استعمال ٿي، حاصلات يا ناڪامي يا ليڊر شپ جي گمشدگي ۾ اختتام پذير ٿيو وڃن. انهن جي بربادي جو وڏي ۾ وڏو ڪارڻ ڪجهہ مضبوط مفادن جي فراهمي ۽ وقتي روش سبب تخليق ٿيڻ هوندو آهي، پر ڪي لافاني، لامڪاني فڪر فلسفہ جيڪي ڪنهن تعارف ۽ مالي شناخت جا محتاج تہ نہ هوندا آهن ۽ نہ ڪو ان جو ليڊر ۽ اڳواڻ وقتي طور ان کي استعمال ڪرڻ لاءِ ٿيوريون گڏ رڪندو آهي، نہ ئي ڪو مالدار ۽ ڌن پرور هجڻ يا ان جي لالچ ۾ حرص رڪندڙ ڪو ان خيال کي ڪٽي هلندو هجي.

نظريو تڏهن قائم رهندو آهي جڏهن ان جا پيروڪار بہ ان جا چاهيندڙ هجن جن پاڻ ۾ ناتو نہ ٽٽڻ جهڙو مضبوط ۽ پائيدار ڳانڍاپي وارو لکيو هجي، دنيا جي تاريخ ۾ هڪ اهڙو رهنما ضروري آهي ۽ ان جي رهنمائي قابل يقين ۽ قابلِ ذڪر رهي آهي ۽ رهندي اچي پئي ۽



انشاءالله رهندي ايندي، اهڙا اظهار ان کي نہ چاهيندڙن بہ ڪيا آهن، صداقت ايمانداري، رواداري، پائيچارو، ساهہ وارن جا حق، حقوق انسانيت، ايتري قدر جو دشمني ۽ دوستي ۾ بہ عدل انصاف رکڻ، خاص ڪري انصاف فراهم ڪرڻ وقت سيني لاءِ هڪ ماپ طور قائم رکڻ، ان هستي کي سچي ڪائنات ازل کان آخر تائين هڪ صادق امين، فخر انسانيت طور ڏسي ٿي، جنهن کي رحمت العالمين صلي الله عليہ وسلم جهڙن لقبن سان خالق حقيقي سڏيو آهي.

دنيا جي ڦرندڙ گولي تي تبديليون ۽ تباهيون جاري رهنديون اينديو آهن، اهو هڪ ارتقائي عمل رهيو آهي، جيئن تاريخ ۾ ان محبوب ترين هستيءَ جي جگر جي ٽڪرن سان بہ قهر دوکا فريب ٺڳيون ٿيون جو اهي ان نظرئي جا رکوالا ۽ چوڪيدار هئا، اهو تاريخ ثابت ڪيو آهي ۽ ثابت ڪري پئي، اڄ ان رهبر ڪائنات جي ڏوهٽي دين جي پهريدار فڪر فراست جي علمبردار حضرت امام حسين عليہ السلام جي ولايت جي وقت، اکين مان لڙڪن جي لار قطار ڪندي خراج تحسين پيش ڪرڻ وقت شاہ صاحب جي هنن سٽن سان ياد اچي ٿي،

جانب ايئن نہ جڳاءِ،
جيئن ماريو موٽيو نہ پڇئين؛
رتي رت نہ سنجري،
سڪ تنهنجي ساءِ،
اسان توهين لاءِ،
ٿي پر ۾ پوڄائون ڪيون.

# وڏيري هئاس

انسان وٽ هميشہ هڪ لفظ، منتقلي، اٽڪيو رهي ٿو. ننڍپڻ مان جوانيءَ ڏانهن منتقلي، جوانيءَ کان اڌڙوٽ جي طرف منتقلي، اڌڙوٽ کان پيرسني ڏانهن منتقلي، اُهي وڏا اسٽيپ آهن، جيڪي طئہ ڪرڻا پوندا آهن. ساڳئي صورت پر ڦوٽو ۾ منهن مهاندا مٽيل، وري آئينو جيڪڏهن سامهون هجي، البم پراڻو يادگيريون، پوءِ ٽڏا شوڪارا پرڻ، اُهو سڀ عمل منتقلي کي منهن ڏيڻ واري رسم راند آهي.

لسڙاٽي ڇهري تي سر ۾ لڪيرون، ڳچي جو ماس لڙڪي پوڻ، دنب يعني پيٽ جو ٻاهر نڪري اچڻ، پلي ڪيٽريون ئي ڪٽي ورزشون چو نہ ڪجن، ڪارن چمڪدار وارن جي جڳهہ تي اڇا سفيد رنگ جا وار نروار ٿيڻ، خضاب ۾ ڪلر جو نہ پائيدار جڙتو فائدو ڳولڻ، وري مٿي تي ٽال ۾ گنج پڻ جو شديد ٿيڻ، ڪڏهن ٽوپي ۾ ٽوال جي ذريعي لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش، ڪڏهن وري رنگ وغيره جهڙو غير محفوظ هٿيار استعمال ڪرڻ، پر سڀ بي فائدا ڏٺا ويا آهن، حقيقت ۾ اهي سڀ منتقليءَ جا ناپسنديده حملا آهن، جيڪي هڪ انسان کي تسليم ڪرڻا پوندا ئي پوندا، پلي چا بہ ڪري، ڪيڏو بہ پاڻ کي ڦٽ ڦاٽ رکي پر گوڏن تي هٿ ڏئي اٿڻ سبب پسوريون پڌريون ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

ائين هڪ سفيد پوش انسان وڏي ڪيٽيگريز جي انسانن سان رابطا ۾ لاڳاپا رکندو، ڪيترو بہ ڪٽي آرٽيفيشل شيون ڪتب آڻي، پر ڪٿي نہ ڪٿي ظاهر ٿي پوندو، ڇو جو، حلال جي ڪمائيءَ ۾



حرام جي ڪمائيءَ مان خرچ ڪرڻ ۾ وڏو فرق آهي، ڏٺو ويو آهي تہ حرام جو مال بي دريغ لٽايو ٿو وڃي، پر حلال جو مال خرچ ڪرڻ وري ناجائز طريقي سان وڏي آزمائش جو سؤدو آهي، ائين جيڪڏهن گڏهہ وارو گهوڙي تي چڙهندؤ تہ ضرور پهرئين خوف ٿيندس پر آهستي آهستي سمجهي ويندو، پر جيڪڏهن گهوڙي وارو گڏهہ تي چڙهندو تہ شرمسار ۾ ڦڪائي پيو محسوس ڪندو، جيئن اسان جا وڏا نالا ليئن ڪروزر مان شوقيہ خاطر لهي موٽرسائيڪل تي چڙهي موويز ٺهرائندي ائين خوش ٿين ٿا جيئن هڪ آسماني مخلوق چنڊ کان زمين تي لهي آئي هجي، ننڍا وڏا حيرت سان ڏسي تاڙيون وڄائيندا آهن، تہ هيءَ ڪهڙي مجال آهي، پر پوءِ خبر پوندي تہ اهو مذاق ڪيو پيو وڃي، غريب جي غربت کي احساس ڏيارڻ خاطر اهو ڪن ٿا تہ ڏسو اسان اوهان جي سواري جو استعمال ڪريون پيا.

ائين وري اهڙا شهزادا ڪنهن جهوپڙي ۾ پيل مٽ دلي مان پاڻي لپ پيئڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي پر هٿ ڌوئڻ بہ ناداني سمجهن، اتي ويهي ميرين رلين تي تصويرون ڪڍرائڻ جو مطلب غريبن کي چٽرون ڪرڻ آهن، غريب ۾ غريبن جو ڪم اڳيان پويان ٿيڻ آهي، اصل ۾ انهن فارمي ڪڪڙن کي عزت ڏيڻ وارا اُهي چريا غريب ئي هوندا آهن، جيڪي اميرن کي زمين کان آسمان تي ڪٽي اڇلايو ڇڏين ۾ پوءِ پاڻ وچ ۾ ٽنگيا پيا آهن، انهن جو مرڻ بہ آسان ڪونهي گهلجيو گهلجيو مس ٿو ساهہ ٽٽي، زمين وارن کي سڄي عمر ٽانڊا ڏيو وري هڪ دم حج عمره ڪريو اڳيان بہ جنت کي خريديو وڃن، وري بہ اڳيان ويچارن غريبن جي رستا روڪ ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي خوش ٿا ٿين، اهڙا جڏهن زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ هلندي موت ڏي منتقلي ٿا

ڪن تہ، پوءِ جيڪڏهن پويان ڪو اقتدار تي ويٺل آهي تہ ڪلها ۾ قل پڙهڻ لاءِ هزارين ماڻهو ايندا، پر جيڪڏهن پويان ٿيو خير تہ ويچارڙو مولوي پاڙي وارو ڦاٿو جنهن کي هن ڪڏهن سولو هٿ بہ ڪو نہ ڏنو هوندو، جراثيم جي ڪري، اڄ ان جو پورو بدن ان مسڪين مولوي جي حوالي جيڏانهن وڻيس تيڏانهن پيو لوڏيس.

ائين جڏهن خبر پئجي ويجي تہ اقتدار ڪي لوڏو آهي تہ زال بہ صحيح ورندي نٿي ڏئي، باقي ٻين تي ڪهڙي ميار، ڪافين کي ائين ٻڌندي ڏٺو ويو آهي، تہ اسان فلاڻي فلاڻي منصب تي هئاسين تہ ماڻهو بہ جام گڏ هئا ۽ هاڻ اڪيلا آهيون، جيئن وڏڙا ننڍڙن کي ٻڌائيندا آهن تہ اسان بہ جوان هئاسين ڪرڪيٽ کيڏندا هئاسين ننڍڙا ڪلندا، بابا چريو ٿيو آهي اٿيو ڪون ٿو سگهي وري ڪري ٿو ڪرڪيٽ کيڏڻ جون ڳالهيون، بس سڀ منتقلي جا صدما آهن سهڻا پون ٿا، اڳي جي تياري لازمي ڪرڻ کپي، نہ تہ پوءِ رڳو ائين چوڻو پوندو تہ وڏيري هياس.



# پن ڪوماڻو ڪوڙ لهي

هلندڙ گهمندڙ هر ڪا شيءِ سني ٿي لڳندي آهي، رڪجي ويل کي ناڪاره سمجهيو ويجي ٿو، جڏهن وڻن ۾ ميوو پڇي ٿو تہ ان جي سار سنڀال لاءِ گهڻا اچيو گڏ ٿين ٿا، ڪاڏ خوراڪ ڪان وٺي پاڻي وغيره جا بہ اهتمام ٿيو پون، پر جڏهن پن ڇڻڻ ۾ خزان جو دؤر وري ٿو تہ هر ڪو ان ۾ ڪهاڙيون هڻڻ شروع ڪري ٿو، هڪ قسم جي چانگ ۾ چانگي وارو عمل ڪيو ٿو وڃي، اهڙي صورت حال ۾ سڀ فصل وٽندڙ ۾ اپت ڏيڻ وارا وٽندا آهن، جڏهن انهن مان پيداوار نڪرڻ شروع ٿيندي آهي يا ڏيڻ جو آسرو هوندو آهي، پر هڪ ناڪاره وڻ کي يا آباديءَ جي ان حصي جي وڻن ٻوٽن کي جيڪي خوراڪ جو ذريعو نٿا ٿين انهن کي بي درديءَ سان ساڙڻ ۾ ٻارڻ جي ڪتب آڻڻ لاءِ استعمال ڪيو ٿو وڃي.

ائين جڏهن ڪنهن اقتداري ڏر کي ڏٺو وڃي تہ اها ان ڪير واري جانور جي طرح آهي جيڪا بوسٽن (ڪير ڏيڻ واري انجيڪشن) جي باوجود بہ ڪير ڏئي نہ سگهي، جنهن لاءِ هڪ ڪهاوت آهي تہ نہ ڏهڻ جهڙو نہ ڪوهڻ جهڙو، اهڙي جانور مان ڏٽي بہ بيزار، جيئن ملاکڙي وارو ڪڪڙ جنهن کي خفتي سيڪي سيڪي ويڙهہ ۾ وڙهائي وڙهائي اهڙو زخمي ۾ سڄائين ٿا جو پوءِ اهو ويچارڙو پڪي هنڍيءَ ۾ بہ رڌجي بہ نٿو.

سو انسان بہ بس ڪرسي جي چڪرن جي چوطرف ڦرندڙ يا رڙهندڙ جنهن جو مطلب فقط ڪرسي ۾ اقتدار هوندو آهي، اُهي اونداهين کان گهٻرائيندا آهن، سڄ لٿو ناهي پاسو ورايو ناهي، دولت ۾

اقتدار جو نشو ڏاڍو ڏکيو ڇڏبو آهي ۽ لهڻ ۾ بہ وقت لڳندو آهي، ننڍ جي جهوٽن ۾ بہ همراهہ محسوس ڪندو آهي تہ پينگهي ۾ لڏو پيو پر خبر تڏهن پوندي جو پينگهي کي لوڏڻ واري پنهنجي زال بہ منهن ڏکي رواني ٿيو وڃي.

جيڪي گڏ ئي مفادن تحت ٿيندا اهي الڳ بہ مفادن تحت ٿيندا. پوءِ اهڙي نياڳي ڪرسي ۽ نياڳي سنگت تي اعتبار ڇا جو؟ تڏهن تہ ڏاها چوندا آهن تہ دنيا دورنگي ۽ بي وفا آهي، سڀ چمڪ ڏمڪ وڃڻ کانپوءِ هٿ ڪڍيو وڃن. تڏهن تہ صوفين دنيا سان دوستيءَ جي هام پري ئي ڪانهي، فقط وقت هلائڻ خاطر هڪ رسم ۽ رواج طور ڪم آندي آهي، پوءِ انهن کي فڪر بہ نٿو ٿئي ڇو جو ڪربلا جي واقعي ۽ ڪوفين جي بي وفائي کانپوءِ انسان سوچڻ تي مجبور ٿيو آهي تہ جنهن انسان حسين عليہ السلام جهڙي ڪردار کي سڃاڻڻ ۾ دير انهيءَ لاءِ ڪئي جو ان تي اقتدار ۽ دولت جو غلبو هو. پوءِ اهو انسان ڪنهن سان بہ ڪنهن جڳهہ تي دوکو ۽ فريب جي راند رچائي ٿو سگهي، پوءِ ويچارڙي ڪومائيل پن جي ڪير تو سار لهي، ماڻهو تہ ان ول کي بہ وڃيو ڇڏين جنهن ۾ ڪو ڪومائيل پن هجي، هيءَ سڀ جواني ۽ شهرت دولت اقتدار جا پن غير يقيني اٿئو. فقط ڪم ٽپايو متان ان تي اعتبار ڪري پوءِ پيا پڇتايو ۽ معيارون ڏيو. جن بہ ميارن ۾ ڏوراپن ۾ وقت صرف ڪيو اهو اتي اٽڪي پيو جنهن انهن کي بي وفا سمجهيو اهي ڪامياب ٿي ويا. انهن پوئيان نگاهہ نہ ڪئي ۽ اڳتي وڌيا پيا دوست ناهيندا اڳتي نڪري ويا.



# ڇارا ۽ ڪارا

هونئن تہ ڇارا ۽ ڪارا ڪينجهر سان منسوب آهن ۽ شاهہ صاحب جي شاعريءَ جا ناياب لفظ آهن. پر هتي اسان وٽ رئيس ڇارو خان ۽ رئيس ڪارو خان ٻئي هڪ ٻئي جا پير ڇڪڻ ۾ پورا هوندا آهن، بس ڪو اشو هٿ اچي، هڪدم لائيو اچڻ ۾ دير نہ ٿا ڪن. پاڻ هميشہ هڪ سيٽ تي رسا ڪشي ڪندا پئي آيا. پوءِ ڪڏهن ڪنهن جي حصي ۾ ڪرسي اچي تہ ڪڏهن وري ڪير ان تي چڙهيو ويهو رهي، جيڪو رهجي وڃي اهو ٻئي جا ڪانچا ڪٽيو پانچا هٿن ۾ ڪريو نڪريو پوي، هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو هڪ مخصوص ٽولو ٺهيل هو ڪڏهن وري پر پاسي جي ٻين ٽولن کان بہ همدردي وٺڻ هنن جو مشغلو رهندو پيو اچي.

ڇارو خان تيز زبان جي ڪري مشهور هوندو هو. ڇڻ ڪارو تتر پيو ٻولي، ڪارو خان بہ ڪجهہ ٿڌو مزاج رکندڙ هو. پر مسلسل ڇاري خان جي لٻاڙ تر تپائي ڇڏيو هئس، هڪ تہ ڪرسيءَ جو بانور ٻيو وري ڪاري خان جا همدرد ٻين ٽولن جي مدد سان ڇاري خان جا پير ڪٽڻ ۾ پورا.

اصل ۾ ويڙهہ تڏهن کان شروع ٿي جڏهن ڪاري خان اوطاق مان سائين نموني خان جا ۽ ڪجهہ ٻين سائين جا رات جي اونداهيءَ ۾ ڪڪڙ ملاڪڙي وارا چوري ڪرايا. اصل ۾ انهن ڪڪڙن تي وڏي بازي ٽيڪي هئي، عمومن ٻنهي رئيسن جي ڪڪڙن جا ملاکڙا آمهون سامهون ٿيندا رهندا هئا. وڏي ڇڪتاڻ ٿي ويئي، رئيس ڪاري خان جو خون جوش کائڻ لڳو. سڄي پاڙي ۾ افراتفري مچي ويئي، نيٺ رئيس ساجن جي وچ ۾ پوڻ سان ڪڪڙ موٽايا ويا. پر ڪڪڙن پنهنجا چهرا

ڦٽي ڇڏيا. ڇو جو ڪڪڙ هڪ ٻئي جا ويري هوندا آهن. اهي گڏ نٿا رهي سگهن. پر اهو بہ ڏوهہ رئيس ڄاري خان جي حصي ۾ آيو. بادام ۽ پستا کائڻ وارا ڪڪڙ رات سڄي بڪ ۾ گذاري واپس وريا.

هاڻي وري نئين حڪمت عملي تحت مڪڙيون ۽ ڄار ڪٺي ڪينجهر کي ڪنو ڪرڻ ڪرڻ لاءِ ننڍڙيون ويچارڙيون مڇيون مارڻ لاءِ رئيس ڪاري خان وارو ٽولو لهي پيو. ان کي اهو مشورو ڏنو ويو تہ ڪڪڙن کي تازو توانو رکڻ لاءِ مڇيون ضروري آهن ۽ هميشہ جڏهن پاڻي چڙهندو هو موج مستي واري وقت ۾ تہ هي لهي پوندا هئا. پر اڄ هي اها ڳالهہ وساري ويٺا تہ هي موج مستيءَ وارو زمانو ناهي. هن وقت پاڻيءَ جي ڪوٺ آهي. هي ساونڻ يا مون سون جي موسم ڪونهي. هي خزان ۽ پن ڇڻ جي مند آهي. بس ٻيرن مان ٻير پٽڻ لاءِ نڪتل تڪڙا رئيس. ٿڪجڻ جي باوجود ضدي رئيس ڄاري خان کي تيش ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. رئيس ڄارو خان رات ننڊ مان ڪڪڙن کي هڪلون ڏيندو هڻ. هڻ پٽيان هڻ ڪندو نڪري پيو. وات مان گگ وهندي پي آئي. جڏهن ڪنهن پاڻي پيارِيس تہ رئيس هي ملاڪڙي جو وقت ڪونهي اڌ رات ٿي آهي. پر رئيس ڄارو خان ڪو مڃي. مٿان ننڊ ڪاري خان جي بہ ڦتل هئي. اوطاقون آمهون سامهون هئڻ جي ڪري سڀ شور شرابو ٻڌي ٻاهر نڪري آيا. ڪجهہ وڏن ۽ سياڻن چيو تہ. ڇو اڇي ڇتا ٿيا آهيو. سڄو پاڙو ڪٺي مٿي تي ڪنيو اٿئو. ڪِن ڪري ڇڏيو اٿئو. اسان هاڻي اوهان ٻنهي کي هٿائي نئون رئيس ڪو پارسل ڪري وٺي ٿا اچون. بس اهو ٻڌڻ جي دير هئي جڻ ڪارو ۽ ڄارو ٻئي پڪا دوست هجن. بس اهڙن ڪردارن جي رئيسن ۽ ٺڳن جي ڪري سڄو ڪينجهر ڪنو ٿي ويو آهي.



# سر ڪوهياري، ٽَپِي ڪَندين ڪوهُ؟

وڏي ۾ وڏي ڪاميابي ان شخصيت جي محتاج ٿيندي آهي، جيڪو ڏکئي کان ڏکئي وقت ۾ پنهنجي حواسن تي قابو رکي، خاص ڪري چڙ ڏيارڻ وارن جي ڳالهين تي گرم ٿيڻ کان پاسو ڪري ۽ ائين محسوس ڪرائي جڻ ڪاوڙ سندس مزاج ۾ داخل ئي ڪونهي. اهڙي صابرين ۽ خوش قسمت انسان جي قدمن کي خوشيون ۽ ترقيون چمڻ کان رهي ناهن سگهنديون. خير ڳالهہ ڪرڻ آسان طريقو آهي، بس ڪاوڙ تي ضابطو رکڻ زنده ضمير وارن جو شعبو ۽ وڏي دل ۽ گردو تسليم ڪيو ٿو وڃي، ڇڱا خاصا انسان تنقيد ۽ ناپسنديده گفتگو خوامخواه تي چڙي پوندا آهن. چڙ ڏياريندڙ لفظي حملا يا اجايا ڳٽ جوڙ يا مالي نا انصافي جو ڳالهيون ۽ ناجائز ورڇ ۽ وراثت جو مقابلو اُهي سڀ اهڙيون نازيبا حرڪتون آهن، جنهن ۾ ماڻهو حواس باختہ ٿي غش ٿيو پون، ڏاهن کي بہ پگهر ڇٽيو پون، پر اتي بہ عظيم انسان ظاهري خاموشيءَ سان سڀ نا انصافين جو زهر هڪ ساهي سان پي وڃڻ ۽ سوچي سمجهي حڪمت عملي ۽ بردباري سان سڀ فيصلا مٿائي پنهنجي حق ۾ ڪرائي ڇڏڻ جهڙو عمل، هڪ خوبصورت سوچ جي عڪاسي ۽ جرئتمندي جي انتها ليکبي، اهڙن انمول انسانن سڄي دنيا کي فتح ڪيو آهي، اهڙا حسين مرد، مردانا سڏبا آهن، جن بي وقوفن جي دنيا ۾ ڪاوڙ ۽ غصي جذبات کي هٿي وٺائڻ جي برعڪس خودداري ۽ تحمل صبر سان وڏا وڏا مسئلا حل ڪرڻ فرمايا.

جلد بازي شيطاني قوتن جو هٿيار فتناگيري ۾ شمار ٿئي ٿو. ٿورڙو پڇ تي پير اچي ٿو ته آواز اٽڪيو پوي، پوءِ وڦلڻ ۽ بابلنگ وائبريشن شروع. هِتان کان هُتان. وٺ پڪڙ ۾ لڳيو وڃن. ڪنهن به اڇڻ واري نقصان کان بلڪل بي خبري واري حال ۾، سڀ ناتا دوستيون همدرديون افسانا خواب بڻجي وڃن. هڪ ئي رٽ ته نه رٽائر ٿيو نه پينشن ملي، سڄو جڳ آزار ۾. ڪيڏانهن وئي قابليت ۽ ڪيڏانهن ويو علم ۽ عقل. سيني تي ڪاوڙ حاوي، اهڙن جاهلن ڄڻن جو پڙهيل لکيل هجڻ ڪهڙي فائدي جو جيڪي علم جي ذخيرن جا دعويدار ويهو علم وارن جي وچ ۾ گفتگو ڪن پيا هيرا منڊي واري ۽ طلب رکن پيا جنت ۽ پرين حورن جي. پاڻ دنياوي ضرورتن جا پوڄاري بڻجندڙ ڇا سيکاريندا اخلاق ۽ ڪردار انسانن کي. جن کي پنهنجي زبانن تي ڪنٽرول ڪونهي. زنده کان وڌيڪ گذاري ويل شخصيتن جي بي حرمتي ڪرڻ يعني الله سائين جي ڏمر کي دعوت ڏيڻ جي برابر آهي.

جهيڙا جهڳڙا جيئرن ۾ زنده ماڻهن سان نهن ته ڪو نه ٿا پوءِ به پلي نظرياتي ۽ سياسي عادت پوري ڪرڻ جا عادي ڏوهاري ڪن ته ٺيڪ آهي. پر الله سائين جي پناهه ۾ ويل شخصيتن جا نالا وٺي ڇوڙڻ وارن کي به قبر ۽ حساب ڪتاب جو سوچڻ گهرجي. الله سائين وٽ سيني لاءِ ماپ طور ساڳي رکيل آهي. ڪير ڪيترو چڱو ۽ نيڪ آهي، فيصلو ڪائنات جي خالق کي سونهين ٿو.



# ڪَٿين جي هارائِئين

جيت جو لطف ۽ مزو پنهنجي جڳهه تي، پر هار به گهٽ ڪجهه سيکاري ويندي آهي. جيڪڏهن هار نه هجي ته جيت جي دلچسپي به ڪهڙي. جيڪو جيت جي پويان پڄندو آهي. ان کي وچ ۾ هار کي به ڪراس ڪرڻو پوندو آهي. هار هڪ اهڙي درياهه جي پُل آهي. جنهن جي مٿان گذرڻو ضرور پوندو آهي. جيڪو ان پُل کان ڊڄي بيهي رهيو. ته اهو جيت جي هُن پار ڪيئن رسندو.

زندگيءَ جون رونقون جيتريون ڏسڻ ۾ حسين ۽ خوبصورت نظر اينديون آهن. اوترو وري ستائيندڙ ۽ منجهائيندڙ الميا برپا به ڪن ٿيون. هڪڙي پاسي خوشين جون جُهمريون ۽ تماشا شغل آهي ته ٻئي طرف اداسيون ۽ مايوسيون، ناڪاميون ۽ روڄ راڙا آهي. جيڪو انهن سيني مان گذري نڪري ويو اُهو ئي زنده دل بڻجي نڪتو هن سماج ۾، پوءِ ڪڏهن به ان تي هار جيت جو ڪو به اثر ويهاري ناهي سگهندو.

جڏهن گهٽي تڪڙ ۽ جهنجهٽ چڙ ۽ طيش جي حاوي ٿيڻ جي ڪري حواسن جي ناڪاميءَ جي صورت ۾ عموماً زبان جو ترڪڻ ۽ لفظن جو پنهنجي جڳهه تبديل ڪرڻ سان جملا ڏنڏلائجي وڃن ٿا. پوءِ ڪي شر پسند انهن کي نوان موضوع ۽ نوان روپ ڏئي ٺٺول ٺاهه ٺاهي پيش ڪن ٿا. جيئن ٻڌڻ وارن کي وندرائي ۽ انهن جي توجهه حاصل ڪري سگهجي، ڇو جو اهڙن بد دماغن جي روٽي لسي انهن پوڳن ۽ ٺهڪن جي پويان هوندي آهي.

هڪ مزاح اها آهي جيڪا انسانن کي طبيعتن خوش رکڻ لاءِ مزاحيه ماڻهو پنهنجي خوبصورت جملن سان ڪري انهن جون دليون

ونڊرائين ٿا ۽ ٻيا وري حسد ۽ ساڙ جا سڙيل ڪريل ناڪاره قسم جا ٺڳ جيڪي معتبر ويس ۽ ڊريسنگ ۾ ڍڪجي فقط انساني قدرن جي چيڙ چاڙ ڪان ونئي گهٽيا ترين الفاظن جي استعمال سان دليون آزارين ٿا، سچ پڇو ته اهڙي ضمير جي انڌي ۽ ڪاري شخص لاءِ فقط هڪ دعا ئي ڏئي ٿي سگهجي ته ڪو دماغ ۾ اهڙو مڇر ڇهٽيس جيڪو ان جي ذهن مان حسد، ساڙ ۽ شرارت جو مادو ڇڪي چوسي ڪڍي، ڇاڪاڻ ته ڪجهه لفظن جي ڪري سڄي سماج ۾ محبتن جي جڳهه نفرتن جا انبار لڳيو وڃن، پر جيڪڏهن پڇيو ڪبو ته اهڙن حضراتن جو ماضي ڪنهن مانگر مڇن جي ور چڙهيل هوندو، جنهن جي باهه هاڻي اهي اهڙي ريت ڪڍڻ ۾ غنيمت سمجهن ٿا.

هي زندگيءَ جو هنڌ حوصلو جرئتمنديءَ سان سينگارجي جنهن ۾ سيني ڪي مان ۽ عزتون ڏيڻ لاءِ استعمال ٿيڻ گهرجي، نه ته اهو هنڌ ساڙ حسد جي ڏپ سبب گدلو ٿي پوندو.



# ڪَرَ سين ڪِلَڻ پائِيين

ذاتيات جو زهر هڪ اهڙو ناسور آهي، جيڪو اجتماعي ترقي، مفاد، ڀائيچاري ۽ يڪجهتيءَ ڪي ٽوڙي الڳ ٿلڳ ڪريو ڇڏي، جنهن به ذاتي مفادن واري ٿانو مان چشڪو چکيو اهو ڄڻ سڄي معاشري ۾ اڪيلو ۽ تنهائي واري پاليسيءَ تي هلي پيو جنهن سماج ۾ لوڀ لالچ واري سيڙپ ڪاري وڌي وڃي اتي ڪير ڀلا ٻين جي مفادن لاءِ سوچي سگهي ٿو بس هر ڪو پهرين پنهنجي ذات پوءِ پنهنجي خاندان، پوءِ پنهنجو گروپ يا ٽولي يا جماعت ۽ ڪرسيءَ تائين محدود ٿيو وڃي، هونئن به هر هڪ فرد ان وبا جي ور چڙهيل آهي.

جيئن هاڻي ڪجهه عرصي کان هڪ رسم ۽ رواج هلي نڪتو آهي، ننڍا ننڍا گروپ ذاتين جا اتحاد ۽ هڪ سرداري لهر زورن شورن سان هلي پئي آهي، هر ڪو پنهنجن ڏهن گهرن جو لٽ سردار بڻيو ويٺو آهي، نوان نوان نعرا نڪري پيا آهن، ائين تنظيمن ۽ جماعتن جي وڏي قطار لڳل آهي، ڪئين نوان نوان پير صاحب ميدان ۾ نڪتل آهن ۽ مذهبي، سياسي، سماجي انساني حقن جي علمبردارن جو ته ڇيڙو ئي ڪونهي.

جيئن هڪ وقت جيڪڏهن ڪو يڪتاري ڇپڙيءَ جو ڪو مشهور فنڪار ٿيندو هو ته گهر مان ڪاوڙ ۾ نڪتل جوان سڀ گرم سرد نالا رکي لهي پوندا هئا يڪتارا ڪٽي، اُهو ڪيسٽ ڪمپنيز جو زمانو هو، آخرڪار موبائل فونن انهن جو ڪاروبار بند ڪري ڇڏيو، جيئن هڪ وقت مقابلو شروع ٿي ويو هو ته ڪير ٿو دعوتن جو رڪارڊ

ٽوڙي، رڪارڊ ناهڻ ۽ ٽوڙڻ لاءِ ڪئين شوقين رات ڏينهن پٽن ۽ دعوتن تي سندرا ٻڌي هڻ هٽان ۾ لڳي ويا. ايستائين جو وچي ڪوليسٽرول جا مريض ٿي ڊاڪٽرن جي حوالي ٿيا. ائين وري ننڍڙا ۽ نڍڙڪا وڏيرا جن جو گهر واري دانگي تي به نالو ڪو نه هو سي به وڏين صفن جا متلاشي ميدان ۾ ڪيڏڻ لڳا. ٿيو ائين جو ڪئين ويچارڙا پيالو پي ويا. ڪي وري ٽيڪن ۽ بلدياتي اليڪشن ۾ اچڻ لاءِ اڳيون به سوجهرو وڃائي چاپلوسي واريون عينڪون پائي پائي ٽڪجي پيا. ڪو اعلان وغيره ٿيو ئي ڪو نه. ڪي وري وات ۽ نڪ جا اهڙا پڪا هڪ ڏينهن هڪڙن جي گلا ۽ ٻئي ڏينهن وري گڏ رهڻ وارن جي گلا. مطلب ته دوستيون، همدرديون، واسطا، ذاتيات تي قربان. زبانون وري اهڙيون ڪڙيون جهڙا ٿوهر ڪايون وينا هجن. ڏوراپا ۽ ميارون به غير پارلياماني لفظن ۾ ظاهر. بس سڀ ڀلايون ۽ چڱايون ختم وري نوان دوست نيون ڳالهيون ۽ نوان لاڳاپا. جيڪو ڪجهه ڪاڏو اهو سڀ هضم. وري دوست جي دشمنن سان بغلگير ۽ پاڪر قرابتون ۽ ڪراڙ واهه واهه ذاتيات تنهنجا رنگ ۽ چشڪا. اعتبار ۽ اعتماد سڀ چٽ. چنٽي انبڙين وانگر ڪچيون ڦڪيون ختم شده. انب پچڻ جو انتظار اوسيئڙا ڪير ته ڪري. اهڙي هٽ ڌرمي! سماج ۾ ٿورڙا پير سنڀالي ڪٿو هر طرف ڪندا ۽ گند پکڙيو پيو آهي.



# ڏکندو ڏور ٿئي

داستانِ دنيا ۽ درمانِ درد. گڏوگڏ سفر تي ساٿين جيئن هلن ٿا. اهڙي طرح پيچرن پنڌن تي سفرِ زندگيءَ جي مرحلن ۾ شريڪِ حيات وانگر ناتو نڀايو پيا اچن.

ڪلهه جڏهن پورو ايمبولينس سروس حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي هڪ ذات جي ڪامريڊ کي ساڻ ڪري ڊسٽرڪٽ هيلٿ ڊپارٽمينٽ وارن وٽ پهتو اصل ۾ پوري جي پسند واري شادي جي زال ويم دوران غلط انجيڪشن لڳڻ جي ڪري بي هوشي واري حالت ۾ هڪ نجي اسپتال جيڪا گورنمينٽ امپلاءِ ڊاڪٽر صاحب هلائي رهيو هو بيمار ٿي پهتي هئي. دوائن جون پرچيون ته پنهنجي جڳهه تي پر هڪ جوشاندي جو پيڪٽ به وٺڻ جي سگهه نه پئي ساري سگهيو. بس هاڻي آخر ۾ ان ڪامريڊ جي چوڻ تي گهر ڪٽائي وڃجي جتي سڪون سان دم ڌرتيءَ حوالي ڪري.

جيئن هيڊ ڪوارٽر ۾ داخل ٿيا ته ڊي ايچ او هنن کي ڏسي، ائين محسوس ڪرايو ڄڻ ڪو ڪرونا جا مريض پيا اچن يا چِتي ڪتي جا ڏاڙهيل چِتا ٿيل هجن. هڪدم ماسڪ پائي نظرون قائداعظم جي ڦوٽو تي جمائي ڇڏيون ۽ چوڻ لڳو پنهنجي ماتحت عملي کي وونٽڻ جي سيزن هلي پئي، وڏن صاحبن کي ترتيب وار هنن ايمبولينسن وارو ٿيل اوڏانهن ائين موڪلڻو آهي. جيئن اسان هر مهيني سيني صاحبن کي نذرانو ڏيندا آهيون. بس ڪامريڊ ۽ پورو مايوس ٿي، وري ضلعي سربراه آفيسر وٽ وڃي رسيا. ڪامريڊ چيو ته

هن سان آئون هڪ دفعي مليو هئس جڏهن هي ننڍڙو آفيسر هوندو هو. بس پوءِ منهنجو سيٺ مونکي موڪليندو هو ته هن کي موٽر سائيڪل تي ڪٽي ناشتو ڪرائي، نانوان حلوائي واري کان آفيس ڇڏي اچيس، ڪم وارو ماڻهو آهي، مون به هن کي ڪافي وقت ٽنگو ٽالي ڪري ڪنيو پئي، اڄ هيءَ هڪ وڏو ضلعي آفيسر بڻيل آهي، متان پراڻو وقت ياد ڪري.

جڏهن وڏي چڪرين بعد آفيس ۾ ملڻ لاءِ پهتاسين، ته هڪ وڏيري کي فون پيو ڪري، سائين اوهان جي مهرباني سان اڄ آئون هن ڪرسيءَ تي جلوه افروز ٿيو آهيان، توهان جا ٿورا لاهبا شام جو حاضري تي اچبو بمبئي بيڪريءَ جو ڪيڪ آندو اٿم ان سان گڏ. بس منهنجي ڪپڙن کي ڏسي هڪ حقارت جي نظر وجهي هليو ويو. ماضي ۾ اهوئي موٽر سائيڪل تي منهنجي پويان ويهي ۽ منهنجي قاتل ۽ ميرن ڪپڙن جي پگهر جي ڌپ جي به واڪاڻ ڪرڻ کان سواءِ رهي ڪو نه سگهندو هو، اڄ اهو قيمتي پرفيوم ولايتي هبڪار ۽ وڏين ٿائين ۽ ٿري پيس سوٽ ۾ پير زمين تان به ٿي قدم مٿ پرا ڪنيون هلي پيو. گاڏي گورنمينٽ جي ڪروڙ واري ۾ سوار ٿي وڏيري جي اوطاق ڏانهن روانو ٿي ويو.

بس اسان اُتان ناڪامي جي صورت ۾ ٻاهر نڪتاسين ته سائين حاجن شاهه پنهنجي فقراءَ سان گڏ ڪيڏانهن وڃي رهيو هو. هڪدم سڏ ڪري حال احوال ورتائين ۽ هڪدم سڄو بندوبست پنهنجي فقرائن جي سپرد ڪري دعائون ڏيندو هليو ويو. سوچيون سون ڏسو اسان چريا ماڻهو اهڙن کان بي وقتائتا فروٽ ۽ ڦل ٽا گهرون جنهن جي هٿن ۾ ميوا نه پر ڪنڊن جا ڇڳا آهن، جيڪي الله ترس بندا آهن



اُهي ڏسو پنهنجي مالڪ جي رضامنديءَ لاءِ ان جي مخلوق جي بي لوث خدمت بغير ڪنهن لالچ جي پيا ڪن ۽ ڪو احسان به نٿا ڄڻائين، هي اسان جي ٽيڪسن تي پلجڻ وارا اسان جي نالي سان اچڻ وارا سرڪاري فنڊ، دوائون ۽ ذريعا ڪيئن بي دريغ پنهنجي نوڪري کي بچائڻ لاءِ خرچ پيا ڪن.

ڪجهه وقت کان پوءِ خبر ٿي پوي ته سائين وڏي آفيسر جي پٽ کي ڪينسر جو مرض ٿيو آهي، اڃان اسان روانا پئي ٿياسين ته آفيسر صاحب ڪيڪ کي اڇليندي اي سي ۾ پگهرجي اچي لٿو شايد موڪل وٺڻ جي چڪر ۾، بس ڏک ڏيڻ وارا پاڻ ڏکن جو شڪار ٿين ٿا ۽ ڏک دور ڪرڻ وارن وٽ انسان ڏک ڪٽي اچن ٿا، جيئن ڏک ڏور ٿين، هڪ الله سائين جي خدائي ۾ ٻئا قانون هلائڻ وارا، انهن قانونن جي نظر ٿيو وڃن، ٻئي طرف خبر پئي ته هيلٿ آفيسر جي پٽ جو سيريس ايڪسيڊنٽ ٿيو آهي، پر ايمبولينسن وارو تيل وڏن صاحبن ڏانهن موڪلڻ جي ڪري ڊاڪٽر صاحب کي به اڌار تي پيٽرول پمپ تان تيل وٺي ڪم هلائڻو پيو، ڪجهه ڏينهن بعد ٻنهي آفيسرن جا ڇوڪرا پيالا پي ويا، پر پوري جي زال ڇوڪري سان گڏ سائين حاجن سائين جي دعا سان صحيح سلامت پنهنجي گهر ۾ سائين جي محفل لاءِ تياري پئي ڪري.

# پَنَ ٻوڙِين پاتالَ ۾

وزن واريون شيون بي وزن ٿينديون پيون وڃن، بي وزنن جو وزن وڌي ويو آهي، ان جا ڪارڻ تمام گهڻا آهن. هڪ دفعي جڏهن لالچي لالو مائٽن جي قبر تي وڃڻ جو سوچيو ته مارڪيٽ مان پهرئين دفعي گلابن جا گل ورتائين، جڏهن گلن کي قبر تي ڇٽڪاريائين ته اڌ ڪلي جيتريون انبڙيون نڪتيون، پيءُ جي قبر ڏانهن نهاري چيائين ته، بابا تنهنجو لالو به وڏو لاهه آهي پر هن گلاب فروش به حد ڪري ڇڏي، گلڙن جهيڙين نازڪ پتڙين ۾ ڪتيون بي موسمي انبڙيون ملائي پيو ڏئي، ايمان ته ويچارڙو هونئن به مهمان ٿي موڪلائي ويو، پر ملاوٽ جا نوان رنگ ڏئي ويو.

ڪهڙيءَ اهڙي شيءِ بچي آهي جنهن ۾ ملاوٽ ڪانهي، قلم جي نوڪ ۾، علم جي نالي ۾، ذهن جي ميڄالي ۾، جسم جي حرڪت ۽ ساخت ۾، ڪپڙن جي چمڪ ۾، اهڙي طرح عام خاص دعوت ۾ خوشامدين جي لسٽ ۾ ڪي خاص ڪي عام، جنازي نماز جي پهرئين صف ۾ بي وضو وڏن ماڻهن جي قطار ۽ وضو وارا سڀ پويان، راڄن ڀاڳن وارن درن ۽ درين تي ايا ٿي بيٺل ڪنهن چونڊيل نمائندن سان ملڻ لاءِ، چاپلوس ۽ مال ڪاؤ جي هڪ اشاري جا منتظر، ڪڏهن ٿو سڏ ٿئي، وياج خور سفيد پوش ۽ نيڪ نمازي هدايتون ۽ درس ڏيڻ ۾ پورا، الله لوڪ فقرا ويسن ۽ مسڪيني حال ۾ مار ڪائي پوئتي ٿي ويا آهن، چڱا طعام پرهيز وارن بيمارن جي اڳيان رکيل، جيڪي ڪائين انهن جي سامهون بس روايتي ڪاڏا ضرورت جي پورائي، نڪاح ۽ جنازي پڙهائڻ لاءِ اهڙن ماڻهن جو چونڊ ڪرڻ جيڪي ظاهر ڊريسنگ ۾ ڪمال رکندڙ هجن، باقي علم ۽ نيڪو ڪاري جو خير، فاتح وقت به لفافو ضرور ڏجي، نه ته دعا قبول ڪو نه پوندي، ڪٽڪ جي بوهه ۾ مٽي جا وڏا وڏا پٿر شامل ڪرڻ، جيڪڏهن ڪولجن ته چون گاري وارا چاپڙ اچي ويا آهن، ان جا پئسا به وصول ٿين، ڇڪي جو اٽو ڪائڻ بعد ائين محسوس ٿئي ڏندن ڪي ڄڻ سوپاريون پيا ڪائون، يعني مٽي ۽ واري جو پاڻ ۾ ميلاپ، روڊن ۽ رستن تي ڏامر جي جڳهه ڪاري آئل جا ڦوهارا، مرچن ۾ بجري، ڪلونجي ۾ بصرن جو ٻج، هاڻي رمضان اچڻ ڏيو ته ملاوٽ جا وري نوان ۽ جديد طريقا متعارف ڪرايا ويندا.

جڏهن هڪ انسان بي يقينيءَ جو شڪار ٿي وڃي ٿو ۽ سوچي ٿو ته ڏوڪڙ ناهڻ لاءِ اهڙا حربا استعمال ڪرڻ لازمي آهن، وري اهو انسان روزن ۽ نماز جو به پابند، هدايت ۽ سمجهاڻيون به سيني کي ڏئي پيو، هر سال عمري جي ادائيگي به سڄي خاندان سان لازمي ڪبي، پر ڪاروبار ۾ گهٽ ڪو نه ڪبي، پوءِ پلي اُهي ساڳيون شيون ڪائڻ واريون گهمندي گهمندي سندس جي ڪتب ڪٽي ڇو نه اچن، بس پڪائي به اهڙي جو مجال آهي ڪنهن غريب غربي جي ڪم اچجي، باقي بئنڪن مان سال جي وياج مان مليل رقم مان اجان به خير خيرات ڪري سگهجي ٿي.

سماج سڌارڪ ڳالهيون وڏيون پر پاڻ ۾ ڪچهريون ڪردارن جي ذوال تي مبني، حقوق ڏيارڻ وارا وڏيرن جي بنگلن تي جيب خرچين لاءِ حاضريون ڀرڻ ۾ پورا، اتحاد برادرين وارا  گهٽ اگهه تي وڪامڻ ۾ دير ئي نٿا ڪن، ڪجهه ڏينهن جن کي سوشل ميڊيا جي ذريعي گارين جا وسڪارا ڪريو بيٺا هئا، اڄ وري پاڪرن ۽ بغلن ۾، شاباش ته گاريون ڏيڻ وارن کي هجي ۽ وڏي شاباش گاريون ڪائڻ وارن کي هجي، بس عجب دستور هلن پيا، انڌا رستو پيا ڏيکارين سڄن کي ۽ ٻوڙا، گونگن کي خبرون ۽ رپورٽون پيا ڏين، جنهن کي ٻوليءَ جي لفظن جي ڄاڻ ڪونهي اُهي وري ٻوليءَ جي خير خواهي جي ڳالهه پيا ڪن، وزني پٿر ترن پيا، بي وزني ڪک ٻڏن پيا.

# سيئي سُورَ ڪَڙهن

جڏهن سڄي جسم ۾ درد ٿئي ٿو ته ڪهڙيءَ ڪهڙيءَ هنڌ ٽاڪورا ۽ سيڪ ڪجن, سڀ هڏا ۽ هڏيون سون جي تعداد ۾ ۽ ٿي سئو ست سنڌن مان چيڪاٽ پيا نڪرن, اينٽي بائيوٽڪ ۽ ٽري ڊي وارا حربا به ڪارآمد نه ٿيا, حڪيمن جا دارو درمل ويچ ناڪاره ويا ۽ انهن سان گڏ جديد سسٽم واريون خدمتون نون ڊاڪٽرن واريون به ڪارگر ثابت نه ٿيون, اصل سڄو مسئلو پرهيز جو هو, جيڪو نٿو پڄي, جيڪو وٽي سو ڪائجي, اوگرايون اچن ته پلي پيون اچن پر هٽ ڪاڏن مان ڪيڻ منشور ۾ شامل ئي ڪونهي, پيٽ به وڏنڊو ۽ ڦهلجندو پيو وڃي, سڄو جسم بي ڊنگو لڳي پيو آهي, پر هين لاءِ ڪا گهٽي به ڇڏٽي ناهي, هڪ دفعي بيماري واري حالت ۾ به فون ۽ اشارن تي به ڪم هلندو رهيو ته خبردار متان ڪو بيو ورچ وند ۾ حصيدار نه ٿي وڃي.

بس اهو حال اڄ اسان جي معاشري ۽ سماج جو آهي, جيڪو سڄو ان همراه وانگر زخمي ٿي پيو آهي پنهنجي بد افعالن جي ڪري, جنهن جو علاج پري پري کان ڏسڻ ۾ نٿو اچي, اها ٻي ڳالهه آهي ڪي اهڙا لازوال حڪيم ۽ ڊاڪٽر آهن جيڪي مايوس ڪونهن علاج جي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشان آهن, پر پرهيز ڪير ڪري, گهٽئي ڊپ ڊاءُ ٻيو ٿيو خير, ٽنگا ٽوليءَ ڪري ڪٽيو وڃن, تڏهن



ٻه ٻئي هٿ ڪاڏي ۾, موشن ۽ جولابن جو به بند نه ٿيڻ ۽ الٽيون اچڻ باوجود به ٽڪجڻ جو ڪو نالو نشان نٿا وٺن, بس هڪڙو جملو رٽيل ٻڌائين ٿا ته صحت ۽ زنده رهڻ لاءِ گهٽ کائڻ گهرجي, ڦاٽي ڪو پاڳ وارو مرندو آهي ۽ ائين ٿئي به پيو ڪافي, هاضمي جو شڪار ٿي پيالو پي به ويا پر هٿ سوڙهو ڪون ڪيائون, هاٺي اهڙي ناسوري سماج جي بيمار ماحول کي سڌارڻ لاءِ اوهان پاڻ اندازو لڳائي سگهو ٿا.

جتي ملاوٽ وارو ڪاڏو ۽ بي انتها لوڀ لالچ ۽ حسد جي ڄار هر هنڌ وڇايل هجي پوءِ اتي معصوم پکي ۽ ننڍڙيون مڇيون ويچارڙيون ڦاسنديون نه ته ٻيو ڇا ٿيندو؟ وڏا وڏا مانگر مڇ هلڻ کان به لاچار پوءِ به رستا جهليو ويٺا آهن, مجال آهي ڪو پالتو جانور پاٽي لپ پيئڻ اچي, جتي سرسبز شاداب ٽڪرا اتي وري انهن جا طنبو طولان لڳيو وڃن, هاٺي وس چڙهڻ به وس ڪا ويو پوءِ سڀ سنڌ ۽ هڏ, نسون سڙن نه ته ٻيو ڇا ڪن؟

# ڳالھ نہ ڳالھين جھڙي

جيترا وات اوتريون ڳالھيون، هر وات ڪنهن نہ ڪنهن کان ٻُڌل ڳالھ کي دُهرائي پيو پوءِ اها ڪنهن ٽي وي چينل يا اخبار جي هجي، اڄڪلھ گهڻو ڪري سوشل ميڊيا جون ڳالھيون تيزيءَ سان اڳتي پهچن ٿيون، سچ يا ڪوڙ اها بعد جي ڳالھ آهي، فلحال تہ ٺاڪوڙا لڳا پيا آهن، بريڪنگ نيوز کي ائين ٿو هلايو وڃي جڻ ڪو ڀونچال برپا ٿي ويو هجي، وري لائيو جا شوقين شوباز هڪدم حرڪتن ۾ اچيو وڃن.

ڪلھ جڏهن پاڻ وارو پراڻو واپاري جانو جمن ساڍا ٽي سال اوباسيون ڏيڻ بعد اوچتو ڪٽي ٻڌايائين تہ مارڪيٽنگ مينيجر کي قرباني لاءِ پڪا پختا ڇيلا گهرجن، تہ هڪدم هن بہ پاڻ کي ڇيلي واري ڪل ۾ ڊڪائي لالو لالچي جي هٽان، ميدان ۾ لاهي ڇڏيو لالو اڏو اڏ تي ٺهي ويو، مارڪيٽنگ مينيجر کي گڏ ڪيل نذرانو ڪيڏو هو، چون ٿا جڏهن ڪا مصيبت يا ڪا مشڪل اچي تہ ڪاري ٻڪر جو صدقو ڏجي، ڪارا بادل ۽ ڏنڊ هونئن بہ وڌي ويا آهن، مشخريون ۽ ٺٺوليون وري آزمائشن جي روپن ۾ نروار ٿي ويون، مشڪلاتون نوان روپ ڌاري سامهون اچڻ لڳيون.

جڏهن هر طرف تجارتي مال جي خرد برد تي اثرات پوڻ شروع ٿيا ۽ ڪاروباري ڪردار اچي متاثر ٿيا، پيرل پرديسي روز روز پيشنگوئيون پيو پيش ڪري، ڪٿين ڊپ ۽ ڊاءِ پيو ڏئي، تہ ڪو ارڙ راڪاس اڏم ڪٽولي تي نڪتو آهي سڀ ڪجھ چٽ پيو ڪري، پر جن بہ ذخيرا گڏ ڪري رکيا آهن اتي بہ پهچي پيو ۽ انهن کي تحس



نحس ڪري پيو ان ڪان وڏو مشڪل وري وقت مارڪيٽ ۾ ڪهڙو ايندو سيني واپارين صلاح مشورو ڪرڻ بعد ڪارن ٻڪرن جو صدقو ڏيڻ لاءِ سوچيو ۽ ذبح ڪرڻ لاءِ ڪاتيون ۽ ڇريون بہ تيز ڪري رکيون، وري مارڪيٽ ڪميٽي وارا الله ترس ماڻهو هئا، انهن پهرئين انهن سيني ڪارن ٻڪرن کي ڪنهن سني جڳھ تي جمع ڪري سني نموني ڪارائي پياري تازو توانو ڪري پوءِ مقرر وقت تي صدقو ڪرڻ لاءِ وٺي آيا، جانو جمن ڇيلي جي ويس ۾ اچي پهتو ۽ ٺڪجي نيٺ ڪا رڙ ڪئي تہ ارڙ راڪاس جا واڻا رسي ويا، جانو سميت ٻين ٻڪرن کي بہ ڪٽي ٻاهر ڪڍيو جانو تہ ڊريس لاهي وري راڪاس جي ٽوليءَ ۾ شامل ٿي ويو، هاڻي ويچارڙا ٻيا ڇيلا جن ڪجھ ڏينهن کان رڳو مَلائِيون ۽ کير پيئي پيتا ڇُري بہ نہ سگهن، هاڻي صدقي وارا بہ پريشان تہ هي سجو خرچو هن راڪاس کي ٽارڻ لاءِ هو پر هي تہ سجو صدقو پاڻ ئي چٽ ٿو ڪري، صدقي ڪائڻ وارن بہ ڏاڍو انتظار ڪيو هو سيني چونڊي جي واپارين گڏجي وڏي چنڊ چاڻ بعد ڪارا ٻڪر هٽ ڪيا هئا، جنهن ۾ ڪنهن جي بت تي هڪ بہ سفيد وار ڪو نہ هو بہ ٽي تہ اڻ ڪتريل بہ خريد ڪيائون، سجو سودو مڪمل ٿيڻ بعد رکيل وقت تي صدقو ڪرڻ ۽ ڪارائڻ لاءِ تاريخ مقرر ڪئي وئي، پر ارڙ راڪاس بہ پنهنجي ساٿين سميت انهيءَ صدقي کي هڪ گرھ طور کائڻ لاءِ تياري ڪري ڇڏي هئي، هاڻي هر وات ۾ گگ ۽ پاڻي پيو اچي، صدقو ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿو ٿئي، سڄي مارڪيٽ اداس بہ آهي تہ خوش بہ، جيئن بہ ٿئي کير بہ ڪري پر صدقو ٿئي ۽ مال خوب کائجي.

# ڇُڳا روز ڇَڏڻ

جڏهن طوفان لڳندا آهن ۽ تيز هوائون ورنديون آهن، تڏهن پڪل وڻن جا فروٽ بہ وڻن مان ڇڏي هيٺ ڪري پوندا آهن، هونئن تہ پڪل وڻن مان مزدور اوزارن ذريعي ڪچا پڪا ڦل فروٽ ڇاڻيندا آهن، پوءِ ڪچن ۽ پڪن جي ڇانٽي بعد ترتيب وار پيڪنگ ڪئي ويندي آهي، ڪٿي وري نڊڙڪا بيٺل وڻ ٻارڙن جو شڪار ٿيندا آهن، جيڪي پٿرن وسيلي فروٽ ڇاڻيندا آهن، پر انهن وڻن کي ڇنو ڇن ڪريو ڇڏين، سڄو ڏينهن پٿرن جو وسڪارو هوندو آهي ڇو تہ انهن جو ڪو ڌڻي سائين ڪو نہ هوندو آهي، اُهي وڻ اڪيلا ڪٿي ڪنڊ پاسي لڳل هوندا آهن.

ائين جڏهن هڪ زندگيءَ جي خود زندگي وارو پاڻ ديک ڀال نہ ڪري ۽ ان کي آواره ۽ آزاد ڇڏي ڏئي، جيڪو وڻي سو ڪري، جيڪو ڪائي پئي سندس مرضي، پوءِ اها زندگي جڏهن آزاد ٿي وڃي ٿي تہ قانون ۽ قائدن کان پري هلي وڃي ٿي، پوءِ جڏهن ڇڙواڳ ڪنهن وڪڙ ۾ انهن ٻارڙن جي پٿرن جي نشاني تي اچي ٿي تہ رڙنڪريو وڃي، جوانيءَ ۾ بہ ٿاريون ۽ تازا پن جنهگلي گهمندڙ ڦرندڙ جانور کايو ڇڏين ۽ ٿاريون سايون ٻارڻ ٻڄيو وڃن، ڇو جو ڪنهن قطار توڙي محفوظ هٽن ۾ ۽ پهريداري ۽ چوڪيداري جي نہ هئڻ جي ڪري، وڏو نقصان



کايو وڃن اهڙا اڪيلا ۽ آزاد وڻ، پر مالڪ جي نظرداريءَ وارا وڻ ڇٽندا ناهن، فقط منو ميوو ۽ ڦل ٻين کي کارائيندا آهن، وقت سر پاڻي ۽ ياڻ کاڌ خوراڪ بہ ملندي رهندي پوءِ اهڙن وڻن جي ڇانو ۾ ڪئين بڪايل مرجهائيل اچي ويهن ٿا، ڪي وري اهڙا وڻ جيڪي شاخون ڏيندي ڏيندي سڪيو وڃن، اُهي وڏيڪ نقصانڪار ثابت ٿين ٿا، جو تياري ڪرڻ بعد ڦل نہ ڏئي سگهڻ جو عمل وچ ۾ بيهي رهڻ ان جو ڪارڻ شايد بيماريون، ڪيڙا، جيت جن ان ڦل دار ميوبدار درخت کي وقت کان اڳم ڪمزور ڪريو ڇڏين.

ائين هڪ جوان مرد جيڪو تعليم يافتہ هئڻ باوجود ۽ ان جي جواني جڏهن غلط ڪارين جي ور ڇڙهي وڃي ٿي تہ هو هڪ ناڪاره فرد پنهنجي خاندان کان وٺي سڄي سماج لاءِ ناسور برپا ٿو ڪري، جيڪڏهن اهو فرد ناحق خوري، رشوت خوري، وياج خوري، فتنہ خوري جهڙن عملن سان مصلح ٿي پنهنجي پاڙي راڄ ۾ لهي پوي تہ اهو هڪ خودڪش بمبار کان وڏيڪ خطرناڪ زهريلو ثابت ٿيندو، ڇو تہ بم هڪ دفعو نقصان ڪندو پر هيءَ روز روز مٺي زهر تحت ڪيترن جون زندگيون تاراج ۽ تاريڪ ڪندو، اڇو تہ روشنيءَ وار ڏيا ٻاريون ۽ سڄو جهر جنگ روشن ڪريون.

# ٻاويھ جمع ويھ ٻائيتال

اسان کي ڪڪرن ڪارن جي ڇانو بہ ڪڏھن ڪڏھن وٽي ويندي آھي، ان جو ڪارڻ گرميءَ جي شدت ۾ تپش ھوندي آھي، وري روزو ھجڻ جي ڪري، دل چوندي آھي تہ ڪارا ڪڪر ڇانيل رھن تہ بھتر آھي، ائين گرمي ذھنن ۾ بہ ھوندي آھي تہ سوچ ۾ بہ ھوندي آھي، ھر طرف معاشري ۾ ماحول ۾ تيزي ۾ گرميءَ جي تپش ذليل ڪري ڇڏيندي آھي، جيڪڏھن سوشل ميڊيا تي اچجي تڏھن بہ گرمي پد وڌيل آھي، ھوٽلن تي ۽ چوراھن تي بہ گرمي آھي، ڪٿي خوشيءَ مان ۽ ڪٿي وري مايوسي مان نعرا ۽ ڦڪائي وارا ڪوڙا ٺھڪڙا بہ آھن، سمجھڻ وارا تہ سمجھندا، پر خوشخبري ٻڌڻ وارا شوقين وري غمگين ۽ غمناڪ ٿيندا واپسيءَ ۾، ٽڙ ٽڪڙ ۾، پھرين سيٽ جي بدران عام سيٽن تي سفر، بعد ۾ ڪجھہ انگريزي مشروب مان لطف اندوز ٿيڻ بعد ھڪ ڪلاڙي کي ڪجھہ نيون ۽ پراڻيون گاريون ڏئي، دل تان بار ھلڪو ڪرڻ جي ھڪ پيرو وري بہ ڪوشش.

اسان جي راڄ وارو مولانا سائين افطاري تي حلوو کائڻ لازمي سمجھندو ھو، اڄ تہ پاڃائي ان ۾ مناڻ بہ گھڻو ملائي ڇڏيو ھو، پوءِ بہ ڇوڪر کي مولانا جي دٻ ماءُ کي چئو حلوو ڦڪو ڇا لاءِ ٺاھيو اٿئي، يعني سڄي مناڻ ضايع ٿي وئي، وڏو ڏمچر مچي ويو، رمضان جي پلاري



مھيني جي فضيلت ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ بدران آرٽيڪل ۽ قانون تي گفتگو پئي ٿئي، پر ڪاڪو قادن تہ اھڙو وڏو رھزن جو ميچ پنھنجي جڳھہ تي برقرار، ميدان بہ موجود پر پچ لڀي ئي ڪو نہ پئي! وڏي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ڪو جڳاڙ وغيره ٿئي، پر ڪاڪو قادن بہ رھزن ڪلاڙي آھي، ساڻس اوپننگ پلئير چاچو رشائي بہ وڏو ملھہ آھي، اھو تہ ھميشہ بغير پچ جو ڪلاڙي آھي، انھي جي سڄي شرارت آھي، مٿان وري آئيني قائدو ۽ قانون سمجھي اھڙي تہ ٺوڪ ڏنائين جو روپوش بہ حيران ٿي ويا ھئا، سيئي ڪوٽ ۾ واس ڪوٽيون ان نيلامي مال ۾ نيلام پئي ٿيون، سياڻا چوندا آھن گھڻي ٽڪڙ چڱي ناھي، پر شبلو وڏو ڪو شوقين مڙس ھو، جنھن ويھہ ۽ ٻاويھہ گڏ ڪري اھڙو تہ ٻائيتال پيدا ڪري ڇڏيو آھي جيڪو شايد گھڻو وقت ٻڌڻ ۾ ايندو باقي ننڍڙن ڪلاڙين جون تہ پڇٽيون ڏسڻ جھڙيون ھيون، شرط وارا پئسا واپس ڪيڏٺا پوندا، ڪيسن ۾ جمع ٿيل ويھہ وري ڪيڏڻ وقت ٻاويھہ ٿا لڳن پوءِ تہ ضرور ٻائيتال مچائڻ ڪان سواءِ ڪو ھنر باقي بچيو ئي ڪونھي.

# ٻِنهي جي پُوري، جِيءَ ڏني رِيَءَ نه جُڙي

انتظار ۾ اوسيئڙو وڏي تڪليفده ڪيفيت جو نالو آهي، اجان سحري مس مس اختتام پزير ٿي ته، تڪ افطار جو اونو ايڏي تيزي سان ايڏي تڪڙ، بس جلدي، وس لڳي ته عيد جو چنڊ به ڏسجي وڃي، بس ٿورڙو موقعو ملي بس سوڙهي گهٽي مان اجان گسجي گسجي نڪرڻ مس ٿيو وري ٻين ڪي به سڏجي پيو. ڪي سنها ته ويچارڙا نيڪ آهي رهڙجي نڪري ويا، جيڪي ٿلها متارا اُهي ته اهڙا اڇي ڦاٿا جو نه هيڏا ٿي سگهيا نه وري هوڏانهن، پوئتي جي به گهٽي وسري ويئي، وري اڳيان به ڪاٺ ڪاٺ جهڙو حلوو ۾ شيرو افطاري وارو شربت ته ضرور مزي وارو آهي ئي آهي پر سوڙهي گهٽيءَ مان گذرڻ سولو ڪونهي، وقت کان اڳم افطاري ڪرڻ جا خواهشمند. ڪوشش ته گهڻي ڪيائون جو اذان ڏيندڙن کي پنهنجو ڪري وڃي، پر موذن به چا ڪري ڪارا ڪڪر به سج کي لڪائڻ ۾ ناڪام رهيا. اجان مس مس تياري شروع ڪجي ته سج وريو ظاهر ٿيو پوي، هاڻي ڪيتري مقناطيسي سٽاءُ جهلي، مجبورن وڃئيون رستو به ڪيئن ڳولجي، ڪو نه ڪو بهانو ٺاهي سوڙهي پيت کان ٽپو ڏجي يا ڪلها ڦٿائي ٻاهر نڪرجي، سوٽ بوٽ ميرا ته ٽيٽا آهن، خير آهي، پر افطاريءَ جو سامان ۾ ان تي ڪيل خرچو ڪير پري، سپ تخمينا پنهنجي جڳهه تي اهميت جا حامل پر گنجائش موجود ناهي، هاڻي گڏيل ڪا حڪمت عملي ڪجي جو افطاري جو سامان به



محفوظ رهي ۾ روزي جي وقت تائين انتظار ڪجي، خوامخواه جلد بازي سڄي راند کي گڙٻڙ ڪريو ڇڏي.

هڪڙو ته فروٽ ۾ سامان وٺڻ وارن سپ پيڪينگ ۾ سامان آندو ان جي اصلي ۾ نقلي جي معيار تي به ڳالهيون هلي پيون، ڪن جلدي چڪي به ورتو انهن کي ڪچو سيڏو پئي لڳو مال ۾ مزو ڪو نه هو، سپ ڦڪو ڦڪو ۾ ڪتو پئي لڳو، ايستائين جو ڪجور ۾ به ٺڳي ٿيل نظر پئي آئي، بس هڪ همدرد ڪپڙا ڦاڙائي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۾ وڪتريءَ جو نشان ڏيڪاري چوڻ لڳو. دوستو! هيءَ راند اهڙي آهي جنهن ۾ جان ڏيڻ بعد به حاصل ڪجهه ڪو نه ٿيندو آهي.

# ڪِي جو ڪَنهِين پارِ، اَڪيُون پَسِي آئِيُون

ڏسڻ ۽ پرکڻ، پڙهڻ ۽ پروڙڻ به هڪ نعمت آهي، جنهن کي الله سائين اهڙي طاقت عطا فرمائي جيڪو ڏسڻ جي سگهه رکي وري پرکڻ جي به، ڏسڻ وارا لکين پر پرکڻ وارا تمام ٿورڙا آڱرين تي ڳڻڻ جيترا، ائين پڙهيل هزارين روڊن ۽ رستن کان وٺي ٿڌين آفيسن ۾ پئسن ڳاڻڻ واريون مشينون لڳا پيا هوندا، پر جن پروڙيو اُهي هڏ ڏوکي غريب غربي جي خيرخواهي ڪرڻ وارا رات ڏينهن انسان ذات لاءِ پتوڙڻ سندن مشغلو آهي، مجال جو ڪنهن جي ڪا حق تلفي ۾ اصولن جي خلاف ورزي ڪري وڃهن.

هتي وري پڙهيل لکيل ماڻهن کي جيڪڏهن هڪ آڱر منهن مان نڪرندي ڏٺي ناهي رڙو رڙ لڳي ويندي، سڀ قانون ۾ ضابطن جو خيال به ايندو، پر مذهب ۾ دين کي به وچ ۾ آڻي مطلب سولو ڪبو، ان لاءِ به حوالا هڪدم ياد اچڻ شروع ٿي ويندا، پر ڪنهن جي ناحق خون ۾ حق تلفي تي ائين چريا ٿيو وڃن جڻ ڪجهه پڙهيو ئي نه هجين، چو ته انهن جي اکين اهڙيون ڪرسيون ۾ محل مزا ڏٺا آهن، پلا اُهي وساري ڪيئن سگهجن ٿا، چون ٿا ته بادشاهه جي بادشاهي ختم ٿيڻ بعد به چاليهه سال نشو برقرار رهي ٿو، اوهان ڏنو ڪو نه هوندو، اهڙا چڱا خاصا



ڇهرا بار بار چوندا آهن آئون جڏهن فلاڻي، فلاڻي ڪرسي تي هئس پوءِ مون ڪير جون نديون وهائي ڇڏيون، پوءِ پلي ڪو ٻڌڻ وارو ڪٽي نه به ٻُڌي، پر هن کي ته اندر جي باهه ڪيڏٽي آهي، جنهن، جنهن جي ذهن ۾ دماغ جيڪي مزا ورتا اُهي ته قبر ۾ حشر ۾ سوچين ٿا اهڙا مزا ملن، بس اُهي اکين جا ڪرشما آهن، جن پروڙيو ۾ پرکيو، ڪجهه ٻيو ڏٺو اُهي انهن کي به پلجي نٿا سگهن، انهن فقيرن جي رهاڻ ۾ سڪون سلوڪ ۾ فقر فلسفو سمجهڻ جهڙو هوندو آهي، ڇو جو انهن جي اکين به گهڻو ڪجهه ڏٺو آهي ۾ ڏسي آيون آهن، پڙهڻ سان گڏ پروڙي به ڏٺو اٿن، انهن لاءِ هي رينگٽ ۾ رڙيون رانياڻ سڀ بڪئي پيٽ جا جاوا آهن، ڪنهن لاءِ به فقر ناهي سواءِ مزا ۾ محلن ۾ جلوا گري جا لطف وٺڻ جي، ڪڏهن ڪڏهن ڍوڻ تي گڏجيو به وڃن، اُتي ڍوڻ کي حلال قرار ڏيو ڇڏين، جيڪي حلال سندن وس کان ٻاهر نڪريو وڃي ان کي وري حرام قرار ڏيڻ سندن دائري اختيار ۾ آهي، بس سمجهڻ جو فرق آهي، نالو وري به غريبن جو استعمال ٿيندو آهي، جن کي ڪابه خبر ئي ڪانهي ته ڇا ٿئي پيو ۾ ڇا ٿيندو.

# سُياٽي سورنِ سِين

هڪ ڪٽ چنل ۾ ٽٽل هيو وري تولو مولو جي چڪ چڪان، اڳئي اُهي ٻئي يار هڪ ڪٽ جي مالڪيءَ جا دعويدار هئا، هاٽي تہ ٻہ تي ٻيا مولوي غازي غازڻ سميت سڀ اچي لٿا، نہ ڇڏِياٺُون واڏڻ ڪي، نہ وري عيسون ۾ پاون ڪي، وڃي هٽي هنڌ ڪيائون، جڏهن ڏٺئون تہ جنهن تي ويڙهہ هئي اها شيءِ ئي رهي ناهي تہ باقي ويڙهہ ڇا جي؟ سڀ منهن هيٺ ڪري نڪري پيا، غازي غازڻ تہ وڃي پر واري مسجد جو پاسو ورتو ۾ اچي رهيل بچيل ڪي تلاش ڪيائون، باقي تولو مولو ويچارڙا ٻئي پڳل ٽٽل ڪٽ ڪي گڏ ڪري ڪنهن واڌي جي پويان نڪري پيا ۾ پڇتائڻ بہ لڳا، جهڙي تهڙي ڪنڙي هئي مڙئي پيا هوندا هئاسين، خوامخواه ضد ۾ انائيت جي پيٽ چاڙهي چني ڇڏي سون، ويچارڙو ڪتولو ڪڏهن اپو ڪري مٽان رلي رکندا هئاسين تہ ڪجهہ تپش ٿڏي لڳندي هئي، ڪڏهن وري ڪٽ جي هيٺ سيءَ جو بچاءُ ڪبو هو مٿان گاهہ وغيره رکي.

هاٽي تہ ايندڙ وقت وڏيڪ ڏکيو نظر پيو اچي، وري بہ اوپائي خان رڳو شروعات ڪئي بس، ائين ٿيو جيئن چاچي چيڙ جي سجي زمين بنن جي ڪري وڏيون ڊنڊون ۾ ڊورا ٻڌجي وئي، هاٽي پلي پاڻ ٻيڙي ناهي سڄي خاندان سميت پيو وسڪاري ۾ تري، مڇيون جهلي،



پنهنجي مائٽاٽي زمين جو حشر پاڻ ڪجهہ ٽڪن عيوض ڪري بہ تي ڏينهن ڪارن ۾ گهميو هاٽي ساڳي گڏهہ گاڏي پيو هڪلي، ڪڏون هٽڻ وارا ڪارن ۾ پيا چڙهن، بس تولو مولو پاڻ ۾ سورن جون ڳالهيون ڪري ڪڏهن روئيو ڏين تہ ڪڏهن وريو ڪليو پون ۽ چون تہ غازي غازڻ مولوي جو ڪهڙو ڪم جيڪو خوامخواه اچي وچ ۾ پيو جو نڪاٽو ٿهيل بہ ڇڏٽو پيو وري ڪنهن ٻئي طرف اسان وانگر رلٽو پوندس، جنهن اڄ جو قدر نہ ڪيو اهو سياٽي ڪي سورن ساڻ ڏسندو، جنهن اڄ ڪي سڌارڻ ۾ محنت ڪئي صبح جو ان جو سولو گذرندو، اڄ ڪي اڄ ئي ڏسڻ ڏاهن جو ڪم آهي، بي وقوفن جا ٽڪڙ ۾ ڪيل فيصلا سياٽي لاءِ وڏيون آزمائشون ۾ مشڪلاتون پيدا ڪن ٿا، سمجهہ وارا هر وقت سلجهيل رهڻ جي ڪري وقت تي مسئلا حل ڪرڻ جو سوچين ٿا، پوءِ انهن ڪي سياٽي جا سور ٽٽا ڏسڻا پون.

# وِجائي وِلَها ٿِيا

سڀ ڪجهه جڏهن ختم ٿي ويندو آهي، تہ پوءِ پڇتاءُ پنهنجي جڳهه تي، پر پوءِ ڪجهه ڪرڻ لاءِ بچندو ناهي، جيئن تولو مولو ڏاچين جو هڪ ڌڻ چرندي ڏٺو تہ اوٺار کي منٿون ڪري ڪنهن پڳل ٽٽل بوتل ۾ کير پيئڻ لاءِ ڪنيون، مينهن ڏڳي وغيره جو کير جڻ ڪا ناياب شيءِ ٿي ويو آهي جيڪو هاٽي شايد جنت ۾ ملي، هتي تہ هاٽي بازارن ۽ هوٽلن ۾ ڪيميڪل وارو کير پيو پيڪنگ وارا ڏبا پيا هلن، ائين ويچارڙي لسي جهڙ جيڪا اوطاقن ۽ اوتارن جي سونهن ليکبي هئي، جڏهن ڪٿي لڙي ويجبو هو تہ لسي ۾ ڏُڌ يعني مکڻ سان مرحبا ٿيندي هئي، اوتاري جو مالڪ تازي لوٽي کير واري ڪٽي اچي وچ ۾ رکندو هو جڏهن راج پاڳ ۾ ڪا خوشي غمي ٿيندي هئي سيڪو پاڳين کي اطلاع ڪندو هو اهي سخي مرد بغير ڏيڻ وٺڻ جي کير جا ڪٽورا اوڏانهن اماٽيندا هئا، هڪ محبت ۽ خلوص ڀريو جهان هوندو هو، رمضان ۾ سوير پاٽي وارن چانورن مٿان مکڻ ۽ لسي جو وٽو بس سڄو ڏينهن خوش، جنهن کي بہ روزو رکڻو هجي ڏاڏي وڏڻ کي رڳو اطلاع ڪري ڇڏي، واهہ واهہ ڇا معاشرو هو ڇا رونقون هنيون، پاڙي جي مسجد ۾ سيني گهرن مان ڪاڏا پاٿهي پيا ايندا هئا، مسافر يا مسڪين وغيره پلي اچي ڪائين، ڪا جهل پل ڪو نہ هئي.



هاٽي هن دؤر ۾ تولو مولو کير ڪٿان پيئن، ڀهراڙيءَ هجي يا ٿر هجي کير ويچارڙو وڪري ۾ اچي ويو هنن اهو اُٺ جو کير غنيمت سمجهي ڪنيو ڏاڍو شوق هئن پيئڻ جو رکي ويا ڪٿي ڪنهن في سبيل الله واري افطاري جاچڻ، هٽي وٺي وڃي پهتا گلڻ خان وٽ، ٻچيل مال ڪجهه ملي ويئن، ڳالهين ۾ ويهي رهيا چانهہ جي آسري ۽ مٿان ڪو ماني ٽڪر ملي، پر گلڻ جي بہ گهر ۾ هلندي پوري پني هئي، بس هنن جو ڪم ڪو نہ ٿهي سگهيو ساڳيو واپس اچي ڏاچيءَ جي کير مان سٽڪا ڪيڻ جو سوچيو کير ڪو خراب منرل واري بوتل ۾ رکيل هو ڇو جو اڄڪلهہ واريون منرل واريون بوتلون جتي ڪٿي پيون پرجن ڪو ڏسڻ وارو آهي ئي ڪو نہ، هر ڪو رات ۾ امير ٿيڻ واري فلسفي ۾ لڳو پيو آهي، بهرحال کير تہ ويو ڏيڪا ٿي ڪري، جڻ ڏونرو، هاٽي ڇا ڪن بس سڀ حسرتون ائين ختم ٿيون جيئن اڄڪلهہ جي اڳواڻن جون، هڪڙا هار پيا پائين تہ ٻيا پار ڪڍيو روئين پيا، وري ڪجهه منٿن ۾ ڪلڻ وارا روئين پيا تہ روئڻ وارا کلن پيا، بس عجب مشخريون لڳيون پيون آهن، دنيا جو تخت ڏسجي ڪيئن ٿو دوڪا ڏيئي.

# سيد غلام حيدر شاهه قلندري جا

| شايع ٿيل ڪتاب | شايع ٿيندڙ ڪتاب |
|---|---|
| 1. منهنجا سهڻا سڄڻ (ڪافيون) | 1. ميدانِ عشق (تقريرون) |
| 2. ڀلي چريو چون ماڻهو | 2. وارداتِ عشق (تقريرون) |
| 3. نرتئن منجهان نينهن | 3. باغِ وفا جون رمزون (روحاني ڪچهريون) |
| 4. هو جي هليا هنگلور (نثر) | 4. لفظن جو ڄار (شاعري) |
| 5. گونجيا گيت حيدر جا (شاعري) | 5. سب کچھ چلتا ہے |
| 6. آثارِ قيامت | 6. انعامِ عشق (سوالن جا جواب) |
| 7. آذانِ عشق (تقريرون) | 7. بے سمجھی کی باتیں (اردو شاعری) |
| 8. چنڊ چهرو محبوب جو (شاعري) | 8. چوڏهينءَ وارو چنڊ (ڏاڏا سائين يوسف شاهه رح جي سوانح حيات) |
| 9. پرينءَ جي پار جون ڳالهيون | 9. جهونن جي جهوپڙي (اصلاحي ڪالم) |
| 10. سڄڻ جن کي سڏيو | 10. جوان جذبن ۽ پوڙهي وقت جي ڪڙي (اصلاحي ڪالم) |
| 11. اعلانِ عشق (تقريرون). | 11. خير خواهيءَ جي خيرات (ڪالم) |
| 12. انتقالِ عشق وصالِ يار (شاعري). | 12. دَٻي ۾ نڪريون (ڪالم) |
| 13. نچوڙيو نينهن جن کي | 13. لڪيرن جا ليک (ڪالم) |
| 14. ہدایت نامہ سلوکِ قلندری | 14. لوازماتِ عشق |
| 15. وفاءِ محمد ﷺ | 15. فلسفہ حسينيت |
| 16. رڳون ٿيون رباب (الله پاڪ جو ذڪر ۽ ان جو نعمتون) | 16. جهنگل ۾ جهرمٽ |
| 17. مٺيون پيڙي پچ (اصلاحي ڪالم) | 17. ڪچي ڪاچوٽي (ڪالم) |
| 18. سفرِ عشق (ذکر اہل بیت اور زیارات مقدسہ) | |
| 19. مقامِ محبت (عشقِ رسول ﷺ کے پروگرام، ربیع الاول 2021 کی محافل میلاد مصطفیٰ ﷺ) | |
| 20. Salient Message of Sufism | |
| 21. ٿڪڻ ۾ تاڪوڙو (اصلاحي ڪالم) | |
| 22. رازِ عشق | |
| 23. The Vision of Life | |
| 24. روميءَ جي اوطاق | |
| 25. اسباقِ عشق | |
| 26. ورتم پَر پيتائيءَ جي (ڪالم) | |